لوڪ ڪٿائون

ڀاڱو ٽيون (III)

ڀارت ۽ ٻين ديشن جون



نندلعل عيدنداس پرسراماڻي

لوڪ ڪٿائون
پاڳون ٽيون (III)
پارت ۽ ٻين ديشن جون

نندلعل عيدنداس پرسراماڻي
سلومبر اُديپور (راڄ)

لوڪ ڪٿا (عام ڪٿا)

لوڪ ڪٿا مان جيڪر عام ڪٿا چوان. ڇاڪاڻ تہ اها ڪٿا عام انسان جي تهيل، عام انسان لاءِ عام جي فائدي لاءِ آهي. اهي ڪٿائون اخلاقي طور عام ۽ گهرو وجود وٺي بيٺيون آهن. هنن جو اذت عام انسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ فائديمند نصيعت ڏين ٿيون جيڪي عام جيون ۾ رهبري ٿيون ڪن.

هاڻي تہ لوڪ ڪٿائون ادب ۾ دلي ارادي سان شامل ڪيون ويون آهن.

جڏهن انسان پنهنجا ارادا ۽ خواهشون اشارن سان ٻين کي سمجهائيندو هو تڏهن هن جي من ۾ اهو سوچ بہ وڌيو تہ جانور، پکي، ڪيڙا، مکوڙا بہ ضرور پنهنجي جات ياين کي اهڙي طرح اشارن سان پنهنجون خواهشون ٻڌائيندا هوندا - تڏهن تہ انسان ڪانسواءِ ٻين سيني ساهوارن کي لوڪ ڪٿائن ۾ جڳهہ ملي آهي.

هڪ طرف ڪِولي، مڪہ ۽ جونءَ جهڙي ننڍڙي جيو جي کهاڻي آهي تہ وڏي ۾ جانور هاٿيءَ بہ پنهنجي جڳهہ لوڪ ڪٿا ۾ والاري آهي.

ڪِولي هاٿيءَ جو چئلينج سويڪار ٿي ڪري ۽ هاٿيءَ جي ڪن ۾ وڃي هاٿيءَ کي للڪاري ٿي،”ٻڌاءِ مان توکي هاڻي ماري سگهان ٿي يا نہ؟“ هاٿي آڻ مڃي ٿو، ”ڪِولي ڪلندي هنجي سونڍ رستي هيٺ لهي ٿي وڃي.

عام انسان اڳيان ڪيتريون گهٽنائون پنهنجو پاڻ پيدا ٿيون ٿين. هو هنن جو مقابلو ان ڪري ٿو ڪري ڇاڪاڻ تہ هنکي وجود بچائڻو آهي. اهيئي گهٽنائون، هنن جو مقابلو

LOK KATHAUN

Part III

Bharat Ain Biyan Deshan Jun

By

Nandlal Idandas Parasramani

Cover Design :

Shri Biharilal Purohit Salumber

First Edition : 2014

Copies : 500

Price : 150/-

Published by :
Gopal Aur Kamlesh Chitrashala
SALUMBER 313027 UDAIPUR (RAJ.)

Printed by :
Scan Computers
3, Radheyshyam Complex,
Opp. S. T. Workshop,
Nr. Navdurga Soc., Patia,
Naroda Road, Ahmedabad.
Ph. : 079-22836776 M. 9327007002

هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ راجستان سنڌي اڪادمي
جئپور پاران مالي امداد مليل آهي.

हिन किताब जे छपाइण में राजस्थान सिंधी अकादमी
जयपुर पारां माली इमदाद मिलियल आहे

ڪتاب بابت

لوڪ ڪٿائن جي هيءُ ٽيون ڪتاب توهان جي هٿ ۾ آهي.

لوڪ ڪٿائون
ڀاڱو ٽيون
ڀارت ۽ ٻين ديشن جون

سنڌ ۽ هند ۾ وڏڙن، ناني، ناني، ڏاڏي، ڏاڏيءَ، امر، ابي، وڏين ڀينرن ۽ عام لوڪن کان ٻڌل، پنهنجي پٽني، جنهن پنهنجي وڏڙن ۽ بزرگن کان ٻڌل، مونکي ٻڌايون ۽ وقتي اخبارن، ڪتابن، ۽ مخزنن ۾ پڙهيل ذهن ۾ رهيل، اخلاقي ۽ تواريخي، هن ڪتاب ۾ روپي هار ۽ ٻوتل آهن.

سنڌ ۽ ٻين ملڪن جون ٻه ڪجهه ڪٿائون، جيڪي درسي ڪتابن ۽ ٻين وسيلن سان پڙهيون هئم، هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن.

لوڪ ڪٿائون بابت گهڻو ڪجهه اڳ ۾ ٻن ڪتابن ۾ لکيو اٿم ان جو هتي ڏهرائڻ نيڪ نه ٿو سمجهان.

اڃان ٻه لوڪ ڪٿائن جي ڳولها جاري آهي. اميد ته چوٿون ڀاڱون ٻه سنڌيءَ ۾ ڏئي سگهندس. سنڌ جون ٻه لوڪ ڪٿائون خاص طور ڳولهيان ٿو. اميد ته ڪوشش سڦل ٿيندي.

منهنجو وشواس آهي. توهان کي هيءُ ڪٿائون وندر سان گڏوگڏ گيان ٻه ڏينديون.

پهريان ڪتاب

ڀاڱو 1- لوڪ ڪٿائون (سنڌي، ديسي - پرديسي)

ڀاڱو 2- لوڪ ڪٿائون (عام انسان جون عام انسان لاءِ)

لوڪ ڪٿائن ۾ اچي ويو. اهڙيون ڪهڻائون انسان اڄيان هزارن لکن جي ٻُٽپ ۾ آيون. دنيا جي هرهڪ ملڪ ۾ الڳ الڳ گهٽنائون درپيش آيون. اهي به الڳ الڳ روپن ۾ پيش ٿي لوڪ ڪٿائون ٿي پيون.

جيتوٽيڪ زمين ۽ زبان انوسار اهي ٿورو گهڻو تبديل ٿي ويون پر مکيه نصيعت ساڳي ۽ رهي. اخلاقي طور تهذيب ۽ ادب ۾ جڙنديون ويون.

دنيا جي سيني ڌرمن ۽ مذهبن ۾ اهي مؤجود آهن. اهي پکي ۽ پرندي وانگر آزاد آهن. انهن کي پنهنجي مول جڳهه کان ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪابه طاقت ڪانهي جو روڪي سگهي.

راجا جون ست ڏيئر، شينهن جي کل پاتل گڏهه، ڪِولي ۽ هاٿي گهڻو ڪري هر وقت ۾ ٿورو گهڻو ردبدل سان ملنديون.

تواريخي لوڪ ڪٿائون به بدليل نالن سان ٻين ديشن جي ادب ۾ موجود آهن. راجستان ۾ ڍولا، مارو، سنڌ ۾ به لوڪ ڪٿا جي روپ ۾ ٻڌائي ويندي آهي.

لوڪ ڪلياڻ لاءِ، رامائڻ ۽ مهاڀارت ڌرمي گرنٿن جي مول ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي.

اڄ به ضرورت آهي اهي لوڪ ڪٿائون وڏڙا پنهنجي ننڍڙن کي ٻڌائڻ لڳن ته اسان جي تهذيب ۽ سڀيتا قائم رهندي ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي.

امتحان

هڪ راڄ ۾ هڪ حڪيم رهندو هو. راجا جي راڄ ۾ وڏو ۽ حڪيم هئا جي پرجا جي دوا درمل پنهنجي آزمودي ۽ گيان سان ڪندا هئا. پرجا راڄ ۾ ڏاڍي خوش هئي. حڪيم اڪثر پنهنجي اسپتال ۾ نوان نوان تجربا ڪندو هو ۽ بيمارين جو علاج سڦلتا سان ڪندو هو. راڄ دربار ۾ حڪيم کي هر هڪ شيءِ آڇي ڏيندي هئي جيڪي هو چاهيندو هو يا هنکي گهرج هوندي هئي. ان ڪري راڄ ۾ شايد ئي ڪو بيماريءَ ڪارڻ فوت ٿيندو هو.

وقت گذرندي حڪيم ٻڍو ٿي ويو. هاڻي هو ڪمزوري به محسوس ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن راجا کي ٻڌايائين ته هاڻ پاڻ نوان تجربا خود اڪيلو ڪونه ٿو ڪري سگهي هنکي هڪ مددگار نوجوان جي ضرورت آهي. راجا گهڻي عزت سان هنکي ٻڌو ۽ حڪيم کي چيو ته، ”سڀاڻي توهان وٽ ٻه نوجوان ايندا انهن مان جيڪو توهان کي سنو لڳي پاڻ سان ڪم تي رکجو.“

اڳلي ڏينهن حڪيم وٽ ٻه نوجوان هڪجهڙا لائق تعليم يافت آيا. حڪيم صاحب منجهي پيو ته ڪنهن کي پنهنجو مددگار رکي. ٿورو وقت سوچي هن ٻنهي نوجوانن کي سڀاڻي صبح اچڻ لاءِ چيو.

سڀاڻي ٻئي نوجوان آيا. حڪيم صاحب هنن کي هڪ هڪ شيءِ ڏئي چيو ته پرهين (هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن) ان شيءِ مان سوچي سمجهي سڀاڻي توهان پنهنجي مرضيءَ سان ڪا دوا ٺاهي اچو. پر جڏهن هتان وڃو ته شاهي رستي

فهرست

فتويٰ

هڪ راڄ ۾ رامسندر نالي نوجوان پنهنجي سمجهه ۽ عقل ڪري مشهور هو. ڪنهن به مسئلي جو حل هو سؤلائيءَ سان ٻڌائيندو هو. منجهيل ڳالهه به آسانيءَ سان سلجهائي ڇڏيندو هو. هڪ دفعي راڄ ۾ ڇئن چورن چوري ڪئي. هنن ڪي هيرن ۽ ڳهڻن جي پريل هڪ ننڍو دٻلو مليو. ان جي سلامتيءَ لاءِ هنن هڪ ٻڍڙي وٽ دٻلو رکيو ۽ چيائون ته جڏهن اسين ڇارئي گڏ اچي تو کان گهرون تڏهن تون اسان کي ڏج. هاڻي اسين ان کي گڏ ڪيڏانهن ڪٺي وينا گهمون. دٻلو ٻڍيءَ کي ڏئي هو اڃان تورو اڳيرو وڌيا ته سامهون هڪ ڪيروارو ملين. هنن ڪير گهريو ته هن برتن ڪٺي اچڻ لاءِ چين. هنن مان هڪ واپس ٻڍيءَ وٽ موڪليائون ته برتن ڪٺي اچي. هو ٻڍيءَ وٽ آيو ته هن جي من ۾ لوڀ پئدا ٿيو. هن ٻڍيءَ کان برتن بدران دٻلو واپس گهريو. ٻڍيءَ چيس ته باقي ٿي ڪٿي آهن. چور ٻاهر بيٺل ٿنهي چورن طرف اشارو ڪري ڏيکاريس. ٻڍيءَ واڪو ڪري هنن کان پڇيو، ٿن چورن سمجهيو ته مائي پڇي ٿي ته برتن ڏيون يا نه. هنن به واڪو ڪري چيو، ”ها، ڏيس.“ ٻڍي دٻلو ڏئي ڇڏيو. دٻلو وٺي هو رفوچڪر ٿي ويو. ٽيئي چور پوئتان انتظار ڪندا ئي رهيا، آخر هو به ٻڍيءَ وٽ آيا - ٻڍيءَ چين، توهان به ته چيو، ”ها، ڏيس.“ چورن راجا کي دانهن ڏني، راجا به فتويٰ ڏني ته ٻڍي پنهنجي گهر جو سامان وڪٽي ٿنهي کي پنهنجو حصو ڏي. ٻڍي روئڻ لڳي پر ٻڌڻ وارو ڪوبه ڪونه هو. هوءَ روئندي وئي پئي ته رامسندر مليس. رامسندر ٻڌي چيس،

سان وچو.‘‘
ٻئي نوجوان شاهي رستي تان پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. مقرر ڏينهن تي ٻئي آيا. هڪ مليل شيءِ مان دوا ناهي آيو ۽ حڪيم کي ڏنائين.
ٻيون ٻنان ڪجهه ناهڻ جي واپس ڏنل شيءِ حڪيم صاحب کي ڏني. حڪيم ڪارڻ پڇيو. هن ٻڌايو، ’’ته هتان گهر وڃڻ تي شاهي رستي جي ڪناري هڪ وڻ هيٺان ٻه بيمار ڪنجهن پيا. مان هنن کي پنهنجي گهر وٺي آيس ۽ دوا درمل سان شيوا ڪري هنن کي چاڪ ڪيس ۽ انسانيت ئي سڀ کان وڏو گڻ آهي. توهان جي ڏنل شيءِ کي سجائي ته ورتو پر هن مان دوا ڪانه ناهي سگهيس ۽ ايترو وقت مونکي مليو ئي ڪونه. مونکي معاف ڪجو.‘‘
ٻڌي حڪيم صاحب مشڪرايو ۽ پڇيائين، ’’جي دوا نهي ها ته ڪهڙي بيماريءَ جي ڪم اچي ها؟‘‘ ’’ان مان چمڙيءَ جي بيمارين لاءِ دوا ٺهي ها.‘‘ نوجوان جواب ڏنو.
حڪيم خوش ٿي چيس، ’’مان توکي پنهنجو مددگار ٿو رکان. ٻئي ڏينهن حڪيم راجا کي ٻڌايو ته مونکي خوشي آهي ۽ توهان جي موڪليل نوجوانن مان هڪ انسانيت جي شيوا لاءِ تيار ڏنو. دوا ته ڪوبه ناهي سگهي ٿو پر شيوا ڪرڻ جو جذبو ڪنهن ڪنهن ۾ هوندو آهي. بيمار ماڻهو مون شاهي رستي پرسان ليٽارايا هئا. راجا ٻڌي حڪيم سان ادب سان جهڪيو.

انسانيت ئي سڀ کان وڏي خاصيت آهي.

سنت راجا

هڪ دفعي هڪ ديش جو راجا مشهور ٿي ويو ته راجا پنهنجي پرجا کي پنهنجي سنتان سمجهندو آهي ۽ ان لاءِ هر ضرورت پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پرجا گهڻي خوش آهي پر خود راجا سڀ ڪجهه هوندي به هڪ عام انسان جي زندگي گذاريندو آهي. ناٺ باٺ کان دور سدا پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ رهندو آهي. عيش عشرت جي ڳالهه هنڪي ڪڏهن پسند ڪانه پوندي آهي. هو ''سنت راجا'' جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

پڙوسي ديش ۾ هڪ ساڌو رهندو هو. هنڪي جڏهن خبر پئي ته پرسان ئي ديش ۾ سنت راجا، پنهنجي پرجا لاءِ سڀ ڪجهه سک سهنج لاءِ بندوبست ڪندو آهي ۽ خود سنت سمان گذران ٿو ڪري. ساڌو کي وشواس ڪونه ٿيو. ان ڪري هڪ ڏينهن سنت راجا وٽ آيو ۽ چيائينس، ''مهاراج ! ٻڌو آهي ته توهان شاهي ناٺ باٺ کان بلڪل الڳ آهيو. توهان محلن ۾ رهدي به اهو ڪيئن ٿا نڀايو ؟''

راجا جواب ڏنو، ''مهاتما ! توهان اهڙي وقت آيا آهيو جو مونکي تمام ضروري ڪم پورو ڪرڻو پوندو آهي. سنجها جو وقت آهي. مان ان جو جواب ٿوري دير ڪانپوءِ ڏيندس. توهان تيستائين هيءُ ٻرندڙ ڏيئو کڻي محل ڏسي اچو ۽ سمورو احوال ٻڌايو ته توهان محلن اندر ڇا ڏٺو - تيستائين مان پنهنجو روز جو ڪم پورو ڪري وٺان.'' راجا ساڌوءَ کي هڪ ٻرندڙ ڏيئو ڏنو ۽ چيائينس، ''ڏسجو، محل ڏسندي ڏيئو وسامي نه. نه ته توهان تاٻڙجي ڪري پوندا ۽ رستو به ڀلجي

’’امان سچو قصور راجا جو آهي. هن سنو انصاف ڪونہ ڪيو آهي. ان وقت راجا اتان لنگهي پيو. هن بہ رامسندر جا لفظ ٻڌي ورتا. راجا چمڙا پوش (بدليل ويس) ۾ هو. هن رامسندر وٽ اچي پڇيو، ’’جي تون راجا هجين ها تہ ڪهڙو انصاف ڪرين ها؟‘‘

’’راجا کي انصاف ڪرڻو هوندو تہ مونکي دربار ۾ گهرائيندو.‘‘

ٻئي ڏينهن راجا رامسندر کي دربار ۾ گهرايو. ٻڍي ۽ ٽيئي چور بہ آيا. رامسندر اول ٻڍيءَ کان پڇيو، ’’امان، چئن ماڻهن توکي دٻلو ڏنو هو؟‘‘ ’’ها‘‘ ٻڍيءَ چيو. ’’چارئي گڏ اچي توکان دٻلو گهرن تڏهن توکي دٻلو ڏيڻو آهي.‘‘

’’ها‘‘ ٻڍيءَ جواب ڏنو.

تنهي کي رامسندر چيو، ’’جهڳڙي جي ڳالهہ آهي ئي ڪونہ. دٻلو هاڻي بہ امان وٽ آهي. توهان چارئي گڏ اچو تہ توهان کي دٻلو امان ڏيندي. توهان تہ ٽي آهيو. چوٿون بہ وٺي اچو. توهان خود ئي پنهنجي ڳالهہ تان ڦرو ٿا.‘‘

ٽنهي چورن وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو. هو منهن لٽڪائي هليا ويا.

رامسندر راجا کي چيو، ’’مهاراج سچ پچ هنن جو چوٿون ساٿي هنن جو دٻلو کڻي ڀڄي ويو آهي. هي بيڪار امڙ کي پريشان ٿا ڪن.‘‘

راجا ۽ سڄي دربار رامسندر جي فتويٰ ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا.

وقتي ڪنڌي کي ڪنڌي سان ئي ڪڍو.

ڪائنات ۾ هرهڪ جيو ۽ شيءِ ڪارائتي

ٻالهه پراڻي آهي. هڪ ديش جي راجا سوچيو ته لڳي ٿو ته ڪيتريون شيون ۽ جيو جڳت ۾ بيڪار آهن. هو ڪنهن به ڪم ۾ ڪوبه فائدو ڪونه ٿا ڏين. هن ديش جي ٻن سمجهندار انسانن کي ڪوٺائي چيو ته توهان جاچ ڪري ٻڌايو ته سنسار ۾ ڪهڙا جيو بيڪا پئدا ٿيل آهن جن جي پئدا ٿيڻ ڌرتيءَ مٿان بوجهه آهي.

ٻئي سياڻا ڪيترن ڏينهن جي کوج ڪري راجا کي اچي ٻڌايو ته مهاراج، ”اسان جي نظر ۾ ٻه جيو بيڪار آهن - هڪ جهنگل جي مک ۽ ٻيو ڪوريئڙو.

راجا اهو ٻڌي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سوچي حڪم ڏيڻ وارو هو ته ”جهنگلي ۾ مک ۽ ڪوريئڙي کي ماريو وڃي.“ ته ان وقت ديش جي سيناپتي اچي راجا کي ٻڌايو ته، ”پڙوسي راجا ديش مٿان حملو ڪيو آهي. شهر جو ڪوٽ ٽپي اندر داخل ٿي چڪو آهي. توهان هتان ڀڄي پاڻ جان بچايو. اسين دشمن سان مقابلو ڪنداسين.“

راجا بنان ڪجهه چئي محل ڇڏي لڪي جهنگل ۾ آيو. ٿڪل هئڻ ڪري هو هڪ وڻ هيٺان ليٽي پيو. هوڏانهن دشمن کي ڄاڻ پئي ته راجا جهنگل ۾ ڀڄي ويو آهي. دشمن جا سپاهي هن کي ڳولهڻ لاءِ جهنگل ۾ آيا. ان وقت هڪ جهنگلي مک سمهيل راجا جي نڪ تي ڏنگ هنيو. راجا ڇرڪ ماري جاڳيو ته دشمن جي سپاهين جو آواز ٻڌائين. هو هڪ دم

ويندا.''

اتڪل ۾ ڪلاڪن ڪانپوءِ ساڌو پرندڙ ڏيئو هٿ ۾ کڻي راجا وٽ آيو. راجا مشڪي پڇيس، ''مهاتما ! ڏسي آيا محل ؟''

''ها، راجن. پر چڱي طرح ڪونہ ڏسي سگهيس.'' ساڌو جواب ڏنو.

''ڇو؟'' راجا پڇيو.

''محل ۽ ان ۾ رکيل شين ڏسندي منهنجو سڄو ڌيان ڏيئي ۾ هو تہ متان ڏيئو نہ وسامي وڃي.''

''توهان کي جواب ملي ويو. مونکي بہ سڄو وقت پرماتما ۽ هن جي ياد رهندي آهي. هيءَ جي محل ۽ ناٽ باٽ آهي اهو سڀ پرماتما جو آهي - اهو ڪڏهن خراب ۽ گندن ڪمن ۾ ڪتب ڪونہ آڻجي. پرماتما متان ڌيان رهندو آهي. اٿندي ويهندي، گهمندي ڦرندي اهو خيال رهندو تہ مان جيڪي ڪجهہ ڪريان هن پرماتما لاءِ ڪيان.''

ساڌو کي گهڻو سنتوش ٿيو. خوش ٿي هن راجا کي چيو، ''مهاراج جيڪي ٻڌو هوم، ان کان وڌيڪ توهان تياڳي آهيو. سچ پچ توهان سچا سنت آهيو.''

سچو سنت ڪنول جي گل وانگر آهي
دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان مٿي آهي.

وڏو واپار

شهر ۾ هڪ وڏو ڏنوان هو. هنکي ٽي پٽ هئا. ڪرم، ڌرم ۽ شرم. ٽيئي پيءُ کي واپار ۾ مدد ڪندا هئا. هنن وٽ ڪافي ڌن ڪٺو ٿي ويو. ان ڪري هننجا چاپلوس به گهڻيئي پئدا ٿيا. پتا به اچي ڀڙو ٿيو. هن سوچيو ته هنجي مرڻ ڪانپوءِ واپار اهو پٽ هلائي سگهندو جنهن کي عقل هوندو ۽ هو ئي چاپلوسن کان پاڻ کي بچائي سگهندو.

هڪ ڏينهن هن پٽن کي پاڻ وٽ سڏايو. هو آيا ته ڌنوان چين ته توهان اڄ رات هڪ هڪ سونو سڪو ڪٽي اچجو پر اتان ڪٽي اچجو جتان توهان کي ڪوبه ڪونه ڏسي. هونءَ ته ايشور هر جڳهه حاظر ناظر آهي.''

رات جو سيٺ سمهي پيو. ته ٽيئي پٽ اٿي سونو سڪو ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪرم پنهنجي پيءُ جي تجوڙيءَ مان سونو سڪو چورائي ڪٽي آيو. شرم پنهنجي ماءُ جي ٽرنڪ مان سونو سڪو ڪٽي آيو. باقي ڌرم سوچيو ته ايشور سڀ جڳهه موجود آهي تنهن ڪري جڳت ۾ ڪا اهڙي جڳهه آهي ئي ڪانهي جتان ڪو ڏسي ڪونه سگهي. سو هو سمجهي پيو.

صبح پتا کي ڪرم ۽ شرم سونو سڪو ڏيکاري اڪڙجي بيهي رهيا. پر ڌرم هٿين خالي هو. هن پتا کي چيو ته اهڙي جڳهه آهي ئي ڪانه جتي پرماتما ڪونه هجي. سو مان ڪٿان به سڪو ڪونه ڪٽي سگهيس.

پتا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڌرم کي ڀاڪر پاتو. وري هن ٽنهي کي هڪ چانديءَ جو روپيو ڏئي چيو ته بزار مان اهڙي شيءِ

پرسان هڪ غفا ۾ اندر هليو ويو. جتي ڪوريئڙن پنهنجي ڄار ٺاهي هئي. راجا جي اندر اچڻ ڪانپوءِ هنن وري غفا جي منهن ۾ ڄار ٺاهي ڇڏي. ڳولهيندا ڳولهيندا دشمن جا سپاهي غفا جي منهن وٽ آيا ۽ ڏٺائون تہ ڄار ٺهيل آهي ان جو مطلب غفا ۾ ڪوبہ ڪونہ آهي. هو هليا ويا. راجا سڀ ڏسي ۽ ٻڌي پيو.

جڏهن راجا محسوس ڪيو تہ دشمن جا سپاهي هليا ويا آهن - تڏهن هنکي احساس ٿيو تہ جڳت ۾ ڪابہ شيءِ ۽ ڪوبہ جيو بيڪار ڪونہ آهي. هن وڏ هيٺان آرام ڪيو ۽ غفا ۾ لڪي جان بچائي. جهنگلي مک نہ ڏنگي ها ۽ غفا جي منهن ۾ ڪوريئڙي ڄارو نہ ٺاهن ها تہ دشمن هن کي رفت ماري ڇڏن ها.

ٻئي ڏينهن تي پنهنجي ديش جي لشڪر راجا کي ڳولهي لڌو ۽ ٻڌايو تہ دشمن کي هنن مات ڏني آهي - دشمن پٺ پائي هلي ويو آهي.

راجا واپس پنهنجي ديش ۾ اچي پرجا کي ٻڌايو تہ ايشور جيڪي ٺاهيو آهي اپايو آهي اهو سڀ ڪارائتو ۽ فائديمند آهي - تنهن ڪري ڪوبہ ڪنهن کي ڪونہ رنجائي ۽ هرهڪ شيءِ جو فائدو وٺي.

ڀڳوان جي اپايل هرهڪ شيءِ ۽ جيو ڪارائتا آهن.

خوش گوار هيرو

هڪ ڳوٺ جي آخر ۾ سنسان جڳهه هڪ مهاتما رهندو هو. هو پنهنجي ڪٽيا ۾ سدا خوش رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٿهڪ ڏئي آسپاس جي ماحول ۾ خوشي پئدا ڪندو هو - ڪٽيا جي ٽورو پري هڪ وڻ هيٺان چور اچي پنهنجو چوري ڪيل مال ورهائيندا هئا.

پر مهاتما جي ٽهڪن ڪري هنن ۾ ساڙ پئدا ٿيندو هو. چوندا هئا هيءُ مهاتما هوندي به خوش ٿو رهي ۽ کلندو ٿو رهي - ضرور هن وٽ گهڻو ڌن آهي.

هڪ ڏينهن چورن مهاتما کي پڪڙي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ چيائونس تہ تو وٽ جيترو ڌن آهي اهو اسان کي ڏي نہ تہ اسيئي توکي ماري دفن ڪري ڇڏينداسين. مهاتما سياڻو هو - هن چورن کي چيو، ”سچ پچ مون وٽ هڪ هيرو آهي جنهنجو ملهہ ئي لکن ۾ هوندو - ان هيري جو نالو خوشگوار هيرو آهي چئو تہ اهو ڏيانو.“

”هائو اسان کي اهو خوشگوار هيرو ڏي.“ چورن چيو.

”چڱو.“ اڄ رات هتان پري سامهون وڻ ڀرسان، چنڊ جي روشني ۾ پنهنجي مٽي جي پاڇي هيٺان کڏ کوٽيو تہ توهان کي خوش گوار هيرو ملندو.

رات ۾ چورن چانڊنيءَ ۾ پنهنجي مٽي هيٺان چنڊ جي روشنيءَ پاڇي تي کڏ کوٽڻ لڳا پر کوٽڻ وقت چنڊ جي

وٽي اچجو جنهن سان سڄو گهر پرجي وڃي.

ڪرم سُڪو گاهه ڪٽي آيو ۽ شرم مٽي پريل ٺڳاري خريد ڪري آيو. هنن ٻنهي گهر ۾ مٽيءَ ۽ گاهه سان پري ڇڏيو. پر ڌرم ڪيسي مان هڪ مٽيءَ جو ڏيئو ڪڍيو، ڪپهه ۽ تيل ڪڍي، مٽيءَ جي ڏيئي ۾ تيل وجهي، ڪپهه مان وٽ ٺاهي ۽ ڏيئو ٻاريو. روشنيءَ ۾ گهر روشن ٿي پيو.

ٻنهي امتحانن ۾ ڌرم اول آيو ۽ پتا پٽ ڌرم کي وارث ڪري ڪرم ۽ شرم کي هنجي مدد لاءِ چيو.

لائق وارث ئي وراثت کي سنڀالي بچائي سگهندو.

مان توهان جو نوڪر آهيان

اڪثر اڪبر بادشاهه بغيچي ۾ گهمڻ بيربل سان گڏ ويندو هو. بيربل پنهنجي سمجهه ۽ حاضر جوابيءَ ۾ مشهور هو. اڪبر بادشاهه کي وندرائڻ سان گڏ خوش به ڪندو هو. پنهنجي عقل سان غلط انصاف کي به صحيح انصاف ۾ بدلي بادشاهه جو ناموس وڌائيندو هو.

هڪ دفعي ٻئي محل جي پرسان بغيچي ۾ ٿهلندا ٿهلندا ان جڳهه آيا جتي واڱڻ ٻوٽن ۾ لٽڪن پيا. بادشاهه سندر ۽ چمڪيلا واڱڻ ڏسي واڪڻ ڪرڻ لڳو. ڏس بيربل، واڱڻ ڪيترا سهڻا آهن. ڏاڍا سندر ٿا لڳن. هنن کي کائڻ ۾ سنو وڻندڙ سواد ٿو اچي. هنن جو برتو توري ڪٽ سان وڌيڪ سوادي ٿيندو آهي. تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي.

بيربل چيو، ”ها جهان پناهه. اهي آهن ئي اهڙا. ڏسڻ ۾ سلونا ۽ مٿي تي ڪلنگيءَ سان وڌيڪ موهيندڙ آهن. هنن جي سبزي ته مان اڪثر کائيندو آهيان.“

بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ٻئي ساڳئي جڳهه تي ٿهلڻ آيا ۽ نيڪ واڱڻ وٽ اچي بيهي رهيا. بادشاهه کي اڳلي ياد آئي. بيربل کي چيائين، ”بيربل ڏس واڱڻ ڪيترا بدصورت آهن. کائڻ ۾ بي سوادي ٿا لڳن.“

”جي حضور! توهان صحيح آهيو. چاقو سان ڪٽيو ته اندر ڪارنهن پئدا ٿي وڃين. پيٽ ۾ به گڙٻڙ ٿا ڪن. اهي کائڻ ئي ڪونه گهرجن. اهي بيماريءَ جو گهر آهن.“ بيربل جواب ڏنو. بادشاهه پريشان ٿي چيو، اهو ڇا اڄ تو واڱڻن جي ساراهه ڪئي هئي ۽ هاڻي برائي ٿو ڪرين. ٻئي ڳالهيون هڪجهڙيون ڪيئن آهن.“ هٿ جوڙي بيربل چيو، ”بادشاهه سلامت مان توهان جو نوڪر آهيان واڱڻ جو نه.“

سمجهه پريل حاضر جوابي وندرائيندي آهي.

اڳتي وڌندي پاڇو ٻه اڳتي وڌندو پئي ويو. جنهن ڪري ڪڏون پوريون ڪوتي ڪونه سگهيا. ٿڪجي نراسائي ۾ هو مهاتما وٽ آيا ۽ ٻڌائون ته اسين پوريءَ طرح ڪوتي نه ٿا سگهون. تنهن تي مهاتما چيس ته خوشگوار هيرو ڪڏن ۾ نه پر توهان جي مٽي ۾ آهي. توهان پنهنجا ڪنا ڪم ڪرڻ بند ڪيو ۽ ايمانداريءَ سان ڪمايو ته خوشي حاصل ٿيندي. اها خوشي ۽ هيرو آهي. ڇوڙن سڪيا ورتي ۽ مهاتما جا شش تي سنا ڪرم ڪرڻ لڳا.

محنت ڪيل سٺن ڪمن ۾ برڪت آهي.

۾ ٿوري گهٽي مٿي پري گهر هليون ويون ۽ وچي سس سهري کي ٻڌايو تہ هڪ خوفناڪ جهنگلي جانور ڪڪيءَ کي پڪڙي جهنگل ۾ کڻي ويو ۽ سيئي روئڻ لڳيون.

ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن ٻڌي ڏاڍو دکي ٿيا ۽ روئڻ لڳا. هو ڪڪيءَ کي ڳولهڻ ويا پر اتي ڪجهہ ڪونہ هو ۽ نہ ڪوئي ٻَنِي ٻَسَرُ. ڪڏون ڪوتيل هيون پر ڪڪيءَ جو ڪو نشان ڪونہ هو. روئي پٽي چپ ٿي وينا.

ڪڪي جڏهن مٿيءَ سان گڏ اڪيچار هيرا وجهي ٽوڪري پري تہ هوءَ پنهنجي ڀاڄاين کي سڏ ڪرڻ لاءِ اتي وئي جتي ڪجهہ وقت اڳ اهي ڪڏون ڪوٽي رهيون هيون. پر هنن کي نہ ڏسي روئڻ لڳي.

ايتري ۾ هڪ ڪپٽي ساڌو اتان لانگهائو ٿيو ۽ ڪڪيءَ کي روئندو ڏسي ۽ پرسان مٿيءَ سان گڏ هيرن جواهرن کي ڏسي هن کي زبردستي پنهنجي ڪٽيا ۾ کڻي ويو. ڪجهہ ڏينهن هو چپ وينو رهيو. هيرا جواهر هن ڪٽيا اندر ڌرتيءَ ۾ پوري ڇڏيا. ڪڪيءَ کي ڪٽيا اندر بند ڪري ڳوٺن مان روٽي پني ايندو هو ۽ ڪڪيءَ سان گڏ کائيندو هو.

هڪ ڏينهن ساڌو روٽي کائي ليٽي پيو ۽ هن کي ننڊ اچي وئي. ڪڪي اهو سنو وجهہ ڏسي هوريان ڪٽيا جو در کولي ٻاهر آئي ۽ ٻاهران ڪڙو پائي پاڻ ڀڄي پنهنجي ڳوٺ وئي ۽ ماءُ پيءُ، ڀائرن ۽ ڀاڄاين سان ملي.

ڪڪيءَ کي جيئرو ڏسي ڀائر ۽ ماءُ پيءُ ڏاڍا خوش ٿيا پر ڀاڄايون خوف وچان ڏڄڻ لڳيون. ڪڪيءَ سربستي ڪهاڻي ٻڌائي تہ ڪيئن ڀاڄايون هنکي اڪيلو ڇڏي ويون ۽ ڪيئن

نٽان ۽ پاڇايون

ڪڪي نالي ٻالڪي گهڻي سباجهي ۽ سلڇڻي هئي. ڪٽنب جا سڀئي ڀاتي هنڪي پيار ڪندا هئا. ماءُ پيءُ ۽ ست ڀائر هنکي پنهنجي جان ڪان وڌيڪ ڀائيندا هئا. هنجي هرهڪ خواهش پوري ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندا هئا. پر سندس سڀئي ڀاڄايون هن لاءِ من ۾ ساڙ رکنديون هيون - ٻاهران هنڪي پيار ڪرڻ جو ناٽڪ ڪنديون هيون پر اندر من ۾ ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هيون.

جن ڏينهن جي ڪٿا آهي تن ڏينهن ۾ مڪان مٽيءَ جا ٺهندا هئا. ڏياريءَ جي موقعي تي مڪانن جي صفائي ڪئي ويندي هئي. مڪانن جي پڊرن، ڪمرن جي اندر، ورانڊن ۽ ٻين جڳهين تي چيڪي ۽ مٽيءَ جو ليپو پايو ويندو هو. گهر جون سڀئي عورتون گڏجي مسجي اهو ڪم ڪنديون هيون. نئين مٽيءَ لاءِ هو ٻوٽ جي ٻاهران کڏون کوٽي مٽي کڻي اينديون هيون. اهڙي موقعي تي ڪڪي ۽ سندس ڀاڄايون هڪ ڏينهن ٻوٽ جي ٻاهران مٽي کڻڻ ويون. ڪڪي کي هڪ جڳهه کوٽڻ لاءِ چئي پاڻ سڀئي ٿورو پريان مٽيءَ لاءِ کڏون کوٽڻ لڳيون.

جنهن جڳهه ڪڪيءَ کڏ کوٽي اتي هن کي مٽيءَ سان گڏ ڪجهه هيرا جواهر مليا. هوءَ اهي پنهنجي آنڊل ٽوڪريءَ ۾ وجهي وڌيڪ گهري کڏ کوٽڻ لڳي تہ جيئن گهڻي ۾ گهڻا هيرا جواهر ملن. هوڏانهن ڀاڄاين يوجنا انوسار جلد ٽوڪرين

اَنَ دانُ

ڪجهه صديون اڳ جي سچي ڪٿا آهي جا ڏيري ڏيري لوڪ ڪٿا ٿي وئي. اها ايتري تہ مشهور ٿي ويئي جو عام آدمي ان ڳالهہ جي پڄ ڪي پنهنجي وهنوار ۾ بدلي ڇڏيو. اڄ بہ انسان ان جو دان ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳرا آهن.

ڳالهہ آهي بہ اهڙي. جنهن کي گهڻو ڪجهہ هجي اهو دان ڪري تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ سمجهي ويندي آهي. پر جو ڪوئي خود غريب آهي. کائڻ لاءِ مشڪل سان محنت مزوري ڪري ٿو ۽ ان مان بہ پيٽ ڪاٽي دان پڄ ڪري ٿو ان جي اهميت سڀ کان وڏي آهي.

هڪ ڳوٺ ۾ هڪ وڏوا پنهنجي پٽ سان گڏ جهوپڙيءَ ۾ رهندي هئي. هوءَ ٻن گهرن ۾ صاف صفائي ۽ برتڻ صاف ڪري پنهنجي پٽ ۽ پنهنجو پيٽ پاليندي هئي. گهرن جي مالڪن پاران پورهئي جي ڪمائي مان هو ڌرم انوسار دان بہ ڪندي هئي. هنجو ڌرم ۾ پورو عقيدو هو. دان ڪرڻ کانپوءِ جيڪو بچندو هو ان مان گهر خرچ هلائيندي هئي. جيڪڏهن ڪڏهن ڪوئي بکشو هن جي در تي ايندو هو تہ پنهنجي پٽ جو حصو رکي پنهنجو حصو بکشو کي ڏيندي هئي، خود ان ڏينهن بکي رهندي هئي. ڌيري ڌيري اَنَ دان جي ساراهہ آس پاس پکڙجي وئي. پٽ بہ وڏو ٿي ويو. هنکي اچرج لڳندو هو تہ ماتا سڄو ڏينهن محنت ڪري ڪمائيندي هئي ۽ تنهن هوندي بہ ان دان ڪندي رهندي هئي. جيڪڏهن اهو دان جو پئسو ڪجهہ بچائي ها تہ ٿوري

هڪ ڪپتي ساڌو هنکي وٺي ويو.

ٻڌي پائر پنهنجين زالن کي گهر کان ٻاهر ڪڍڻ لڳا پر ڪڪي پائرن کي سمجهايو تہ هو هاٿي اهڙو ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪنديون جنهن لاءِ هنن کي شرمسار ٿيڻو پوي. سيني پاڇاين بہ ڪڪيءَ کان معافي گهري ۽ سس سهري ۽ پنهنجن گهوٽن کان معافي گهري پڇتاءُ ظاهر ڪيو. هنن واعدو ڪيو تہ هو بہ ڪڪيءَ کي اوترو پيار ڏينديون جيترو ٻيا ٿا ڏين. اڳتي من مان سڄو ساڙ ختم ڪنديون - سڄ هاٿي سڄو ڪٽنب ڪل خوشيءَ سان رهڻ لڳو.

پيار سان پريوار سرڳ سمان آهي.

ايشور جي تلاش

هڪ ساڌو ڳوٺ کان ٻاهر ندي ڪناري جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. ڳوٺ وارا هن کي ضرورت انوسار کاڌو پيتو پهچائيندا هئا. هو صبح ۽ شام ڀڳوان جي ڀڳتي ۾ نديءَ پرسان ڌيان ڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ وارن کي ڌرم بابت اپديش به ڏيندو هو. آس پاس ۾ اهو مڃيو ويندو هو ته ساڌو پهتل شخص آهي. سيئي هنجي عزت ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن صبح جڏهن ساڌو ايشور ڀڳتيءَ ۾ ڌيان مگن هو تڏهن هڪ نوجوان هن وٽ آيو ۽ هٿ جوڙي ساڌو کي عرض ڪيو ته هنکي پنهنجو شش ڪري.

ساڌو پڇيس، ”تون شش ڇو ٿو ٿيڻ چاهين؟“

”مان به توهان وانگر ايشور کي پائڻ چاهيان ٿو.“ نوجوان چيو. تڏهن ساڌوءَ هنجو مٿو پڪڙي پاڻي ۾ وڌو- ٿوريءَ دير ڪانپوءِ نوجوان گهبرائڻ لڳو. ساڌوءَ هنجو مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍيو. نوجوان سهڪڻ لڳو ۽ اُپا ساهہ کڻڻ لڳو. جڏهن نوجوان سامت ۾ آيو تڏهن ساڌوءَ پڇيس، ”توکي تڏهن ڪنهن چيز جي سخت ضرورت محسوس ٿي، جڏهن تنهنجو سِرُ پاڻيءَ اندر هو؟“

نوجوان جواب ڏنو، ”ان وقت منهنجو دم گهٽجي رهيو هو ۽ مونکي هوا جي سخت ضرورت محسوس ٿي.“

اهو ٻڌي ساڌوءَ نوجوان کي چيو، ”هاڻي تون گهر وڃ. تون تڏهن مون وٽ اچجانءِ جڏهن توکي ايشور جي ضرورت اوتري ٿئي جيتري توکي پاڻيءَ اندر هوا جي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. ان وقت مان توکي بنان امتحان ونڻ جي پنهنجو شِشُ قبول ڪندس.

سچي لگن سان ڪم راس ٿو ٿئي.

ڳھٽي ڏنوان تي پئي ھا. ھڪ ڏينھن ماءُ کان پڇيائين، ”امڙ، جيڪو تون پورھيو ڪري ڪمائي تي اھو بہ دان تي ڪرين ٿو؟ ان سان ڪھڙو فائدو ملندو؟“ ماءُ جواب ڏنس، ”سيني دانن مان ان دان سڀ کان وڏيڪ پڄ پرتاب وارو آھي. غريبي ۽ اميري ڏينھن رات وانگر آھي ايندي ۽ ويندي. پنھنجي حيثيت انوسار جيڪو ان دان ڪندو آھي ھن کي پڄ ملندو آھي ۽ اھو سڀ کان وڏيڪ اوچو آھي.“

ان دان مھادان.

ڪئپٽن چيس، ''اهو سچ آهي تہ اها غلطي پهريون دفعو ٿيل آهي ۽ مون بہ سچ لکيو آهي تہ تو نشو ڪيو هو. جهاز ٻڏي بہ سگهي پيو. ان کي گهٽو نقصان اچي سگهي پيو، ڪابہ گهٽنا ٿيڻ جو پورو پورو امڪان هو.''

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ گوپيچند کي جهاز جي نگراني ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو. ڇاڪاڻ تہ ڪئپٽن روز نشو ڪندو هو. پر ان ڏينهن هن نشو ڪونہ ڪيو هو. اهو ڏسي گوپيچند پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ؟ اڄ ڪئپٽن صاحب نشي ۾ ڪونہ آهي.''

ڪئپٽن گوپيچند جي باري ۾ لکيو هو تہ ''گوپيچند اڄ نشو ڪيو آهي.''' ان جو مطلب تہ گوپيچند روز نشو ڪونہ ڪندو آهي ۽ اڄ نشو ڪيو اٿائين.

۽ گوپيچند جيڪي ڪجهہ لکيو ان جو مطلب هو تہ ڪئپٽن صاحب روز نشو ڪندو آهي ۽ اڄ نشو ڪونہ ڪيو هو.

ٻنهي جون ڳالهيون سچيون هيون پر اڌوريون هيون.

ان ڪري چيو ويو آهي تہ پوري سچائي سمجهڻ گهرجي اڌورو سچ ڪنهن ٻئي مطلب کي بہ ظاهر ڪري سگهي ٿو.

اڌورو سچ صحيح ڪونهي.

اڌورو سچ

گوپيچند ڪيترن سالن کان جهاز تي ملاح تي ڪم ڪندو هو. هو تمام سنو ملاح هو. جهاز جو ڪئپٽن ۽ ٻيا آفيسر هن جو ڪم پسند ڪندا هئا ۽ وقت تي هن جي ساراهہ بہ ڪندا هئا. جهاز تي ٻيا بہ ننڍا ملاح هئا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن نشو بہ ڪندا هئا ۽ هڪ اڌ اهڙو بہ هو جو روز لڪي ڇپي نشو ڪندو هو.

هڪ ڏينهن گوپيچند هن جي گرفت ۾ اچي ويو. هن اڳہ ڪڏهن بہ ڪو نشو ڪونہ ڪيو هو. ان ڏينهن تورو نشو ڪرڻ تي بہ هنکي گهيرت اچڻ لڳا ۽ جهازراني جو ڪم ڪندي سمهي پيو. ۽ جهاز هيڏانهن هوڏانهن لڏڻ لڳو. اهو ڏسي ڪئپٽن گوپيچند وٽ آيو. ڏٺائين تہ هو سمهي پيو آهي ۽ نشي ۾ دُت آهي. ان وقت ڪئپٽن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو، ”گوپيچند نشو ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڪم کي سرانجامي نہ تو ڏي.“

ٻئي ڏينهن جڏهن گوپيچند کي هوش آيو تڏهن هنکي سڀ ياد اچي ويو. هو من ئي من ۾ گهڻو شرمندو ٿيو. پڇتائڻ لڳو. هڪدم هو ڪئپٽن وٽ ويو ۽ هٿ ٻڌي معافي وٺڻ لڳو. هن چيو، ”صاحب! توهان پنهنجي ڊائريءَ ۾ جو ڪجهہ منهنجي باري ۾ لکيو آهي اهو منهنجي ورهين جي ڪيل سٺن ڪمن مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيندو. منهنجو رڪارڊ گندو ٿي ويندو. مون اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ غلط ڪم ڪونہ ڪيو آهي. ڇا توهان مهرباني ڪري هڪ غلطي معاف ڪانہ ڪري سگهندا؟“

۽ پنهنجو ڪم منهنجي مٿان ڇڏي. جي هو ڪوتوال سان وڃي ته ٻيا جانور نقصان پهچائيندا.“

سپاهيءَ سان ڇوڪري ڪوتوال کي چيو، ”حضور! اُن گهوڙي جا وڏا وڏا سنگ هئا. اهو آدمي انهن سڱن ۾ رسي ٻڌي هن طرف تيز رفتار سان ويو آهي. توهان به هن طرف تيزيءَ سان گهوڙا ڊوڙائيندا وڃو.“

اهو ٻڌندي ئي ڪوتوال سمجهي ويو ته ڇوڪري گهوڙو ڪونه ڏٺو آهي. هن ڏٺو ڏٺو آهي. هن رکوالي ڪندڙ ڇوڪري کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي سپاهين سان چور جي ڳولها ۾ اڳتي هليو ويو.

پنهنجو ڪم ايمانداريءَ ۽
محنت سان ڪرڻ کپي.

ڪام چور ڪوتوال

هڪ چور، راجا جي طبيلي مان هڪ گهوڙو چورائي ڀڳو. جڏهن ڪوتوال کي خبر پئي تڏهن ٻہ سپاهين سان گڏ گهوڙن تي چڙهي چور جو پيڇو ڪرڻ لڳا. ڪافي اڳتي تائين ويا پر هنن کي چور ۽ گهوڙو نظر ڪونہ آيا.

ڪجهہ وقت اڳ هڪ ڇوڪرو پنهنجي پتا جي آگيا انوسار پنهنجي کيت جي رکوالي ڪرڻ کيت ۾ آيو هو. ڪجهہ ڪڻ ڪانپوءِ هن هڪ نوجوان کي تيز گهوڙي تي چڙهي ويندو ڏٺو.

ڪافي دير ڪانپوءِ راجا جو ڪوتوال پنهنجي سپاهين سان اچي اتان لانگهائو ٿيو. ڪوتوال نوجوان کي کيت جي رکوالي ڪندي ڏٺو. هن گهوڙي کي بيهاري هڪل ڏئي نوجوان کان پڇيو، ”ڇا تو هتان ڪنهن کي گهوڙي تي ويندو ڏٺو؟“

نوجوان هڪدم سمجهي ويو تہ اڳيئ ڏٺل گهوڙي تي ويندڙ نوجوان ڪو چور هو، چوري پڪڙائڻ جي لحاظ کان هن ڪوتوال کي چيو، ”حضور ڪجهہ وقت اڳ هڪ نوجوان گهوڙي تي ويندو ڏٺو هوم.“

اڃان هن جملو پورو ڪيو ئي ڪونہ تہ ڪوتوال هڪل ڏئي چيس، ”ڇڱو اڇ - اسان سان گڏ هل ۽ ٻڌاءِ تہ ڪهڙي رستي طرف هو ويو.“

ڇوڪرو سمجهي ويو تہ ڪوتوال محنت نہ تو ڪرڻ چاهي

مکيءَ ٻڌايس تہ هرڻ جي سيوا ڪري هو جيئرو آهي نہ تہ شايد ڪوئي جهنگلي جانور هنکي ماري ڇڏي ها. هن جي آفيم کائڻ جي علت بہ ڇڏجي وئي. هو ٻين سان کلندو بہ هو. هو بلڪل بدلجي ويو هو.

هڪ ڏينهن پاسي واري ڳوٺ مان هڪ آدمي آيو. مکي هن کي ڏسي ڪروڌ ۾ اچي ويو. اجان ڪجهہ ڪري ان کان اڳ هرڻ ڊوڙندو ٻاهر واري آدميءَ جي گود ۾ هلي ويو. مکي دنگ رهجي ويو. هن ڪجهہ بہ نہ ڪيو. آدميءَ مکيءَ کي ٻڌايو تہ اهو هرڻ هنجو پاليل آهي. هو هن جي ڳولها ۾ آيو آهي پر چاڪاڻ تہ هو مکي وٽ پليل آهي. هو مکيءَ سان ئي گڏ رهي. مکي پنهنجو سياءُ متائي ڇڏيو هو.

سٺي هلت سان بري کي سڌاري سگهجي ٿو.

اڇائيءَ جي برائي مٿان جيت

هڪ ڳوٺ جو مکي ڏاڍو نردئي هو. ظالم ايترو جو ڪوئي آدمي ڪنهن ٻئي ڳوٺ جي ان ڳوٺ ۾ ايندو هو ته مکي هنکي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندو هو. ڳوناٽا خوف کان هنکي ڪجهه چئي ڪونه سگهندا هئا ۽ نه هنجي ظلم لاءِ هنکي ڪا صلاح ڏئي سگهندا هئا. هنجي هرهڪ ڳالهه مڃيندا هئا.

مکيءَ جي هڪ ٻي خراب عادت هئي. هن کي آفيم کائڻ جي عادت هئي. هو گهڻو ڪري جهنگل ۾ وڃي شڪار ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن گهڻو آفيم ورتو ۽ خوب نشو اچي ويس. هو نشي ۾ جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو. پر اوچتو هو هڪ وڻ سان ٽڪرايو ۽ مٿي تي چوٽ اچڻ ڪري اتيئي بيهوش ٿي ويو. ٿوري دير ۾ جڏهن هو هوش ۾ آيو ته هن ڏٺو ته هڪ هرڻ هنجي زخم کي چٽي رهيو آهي. هن جو درد گهٽجي رهيو آهي. هنکي راحت محسوس ٿي. هن اهو به سوچيو ته هرڻ جي چٽڻ ڪري هنجو زخم ٺيڪ ٿيو آهي ۽ هو هوش ۾ به آيو آهي. هن هرڻ کي پيار وچان گود ۾ کنيو ۽ ڏيري ڳوٺ ۾ آيو.

ڳوناٽن جڏهن مکيءَ جي گود ۾ هرڻ ڏٺو ته هو وائڙا ٿي ويا. هو ته هرڻ جو شڪار ڪندو هو. هن کي ماري هنن جو ماس کائيندو هو. هن جي زال به حيران ٿي وئي. جڏهن

بنان چاهنا ساڏنا

هڪ سنت نيم انوسار جپ، تپ، پاٺ، پوڄا، ايشور جو نالو جپي ساڏنا ڪندو هو. ان ڪري هنجو ناموس بہ چوڌاري ڦهليل هو. پنهنجو ناماچار ٻڌي هن کي من ۾ اپار خوشي ٿيندي هئي.

هڪ رات هن کي سپنو آيو. هڪ ديودوت هنکي ديولوڪ وڃي وڃڻ کان اڳ پڇيو، ''مهاتما! مان توکي ديو لوڪ وٺڻ آيو آهيان. ان کان اڳ تون ٻڌاءِ تہ تو جيون ۾ ڪهڙا سنا ڪم ڪيا آهن. جنهن جي ڪري مان سرڳ ڌام وٺي وڃان ڪوبہ هڪ سنو ۽ پويتر ڪاريہ ٻڌاءِ.''

سنت چيس، ''منهنجو سڄو جيون پويترتا ۾ گذريو آهي. پر سڀ کان وڏيڪ ڪم جو مون ڪيو آهي تہ مان ڪيترا دفعا تيرٿ ياترائون ڪيون. ديش جا سيئي پويتر ستان مون ڏنا آهن ۽ اتي ديوتائن جو درشن ڪيو آهي.''

ديودوت چيو، ''اهو سڀ تو ڪيو آهي پر تون ٻين کي ان ياترائن جو ورڻن ڪري خوش ٿيندو رهيو آهين ان ڪري تنهنجا سيئي پڇ نشٽ ٿي ويا. ٻي ڪنهن ڪم جي باري ۾ ٻڌاءِ.''

''مان روز نت نيم ڀڳوان جو سمرڻ ڪندو آهيان.'' سنت چيو.

''اهو بہ نيڪ. پر جڏهن سمرڻ ڪرڻ وقت ڪو ٻيو ماڻهو

اتيئي سڀ ڪجهه

نديءَ جي پرسان سُڪول جا ڪجهه ٻار نديءَ ڪناري تي واريءَ جا گهر ٺاهي رهيا هئا. هو ويهي هڪ پير مٿان آلي واري رکي ٿپ ٿپ ڪري جمائي گهر ٺاهين پيا. هڪ ٻار جي پير ٻئي ٻار جي گهر مٿان لڳي پيو. هن جو گهر ڊهي پيو. هن کي غصو اچي ويو. هن به ٻهرين ٻار جو ٺهيل گهر ڊهي ڇڏيو. ٻئي خوش انهن جو حساب پورو.

وري هو پنهنجا پنهنجا گهر ٺاهڻ ويٺا. جن جا ٺهيل هئا سي هڪ ٻئي کي ڏيکاري خوش پيا ٿين. اهڙيءَ طرح واريءَ جي گهرن ٺاهڻ جي راند هلي پئي ته هڪ مائي آئي. وڏي واڪي سان ٻارن کي چيائين، ”هلو سڀ گهر سانجهي ٿي وئي آهي.“

ٻارن ڏٺو ته سج پڇ سج لهي ويو آهي ۽ انڌيرو ٿيندو ٿو وڃي. هو سيئي اُٿيا ۽ پنهنجا پنهنجا ٺهيل گهر پنهنجن ئي پيرن سان ڊاهيندا گهر هليا ويا.

پريان هڪ سنت پنهنجن ششن سان ويٺي اهو لڪاوُٽي ڏٺو. هن ششن کي سمجهايو. ”اسين به هنن ٻارن وانگر آهيون.- واريءَ جا وڏا وڏا مڪان ٺاهيون ٿا. ڪڏهن وڙهون به ٿا پر جڏهن پرماتما جو سڏ ٿو اچي تڏهن سڀ ڪجهه اتيئي ڇڏجي ٿو وڃي.

ٻارن وانگر جيترو به وقت اسين هن سنسار ۾ آهيون، ويڇو وروڌ مٿائي راند ڪندي جيون گذارجي، ڇو جو اتيئي سڀ ڇڏڻو آهي.

ٻارن وانگر معصوم ٿي زندگي گذاريو.

لاغرضائيءَ جو ڦل

هڪ ڳوٺ ۾ ٻه دوست رهندا هئا. ڪالو ڪنير ۽ مدن مالهي. ڪالوءَ کي هڪ اٺ هو. ٻئي دوست، مٽيءَ جا برتڻ ۽ سبزيان وغيره (سائي ڀاڄي ۽ موسمي ميوو) اٺ تي کڻي شهر وڃي وڪڻندا هئا. گهڻو ڪري اٺ جي نڪيل (رسي) ڪنير جي هٿ ۾ هوندي هئي ۽ هو اٺ کاهي اڳ اڳ هلندو هو - پٺيان مالهي ايندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنهن ڪارڻ نڪيل مالهيءَ جي هٿ ۾ هئي. هو اٺ کي ڪاهيندو هلي پيو ۽ پٺيان ڪنير پيو هلي. اٺ جي هڪ پاسي ساوڻ ڀاڄيون ۽ ڦل هئا ۽ ٻئي پاسي مٽيءَ جا متڪا ۽ ننڍا وڏا برتڻ.

اٺ هلندي هلندي ساوڻ ڀاڄيون پيو کائي ڪنير ڏسي به خيال ڪونه ڪيو ۽ نڪوڏيان رکيائين. مالهي مدن پنهنجي دوست ڪالو ڪنير جي پروسي پوئتان ڏسي ئي ڪونه پيو.

اٺ جڏهن سڀ ڀاڄيون ۽ ڦل کائي ڇڏيا تڏهن اٺ جي پٺيءَ تي رکيل بار هڪ طرف ڳورو ٿي پيو. يعني مٽيءَ جا برتڻ ڀاري ٿي پيا ۽ اڇي پٽ تي ڪري ڀڄي پيا.

ٻئي دوست وائڙا ٿي ويا. پر ڪالوءَ پنهنجي غلطي قبول ڪئي ۽ مَدن کان معافي ورتي.

بيپرواهيءَ سان نقصان ٿي ٿيندو.

پرسان ايندو هو تڏهن توکي سنو ڪونہ لڳندو هو. من ۾ توکي هن لاءِ چِڙ پئدا ٿيندي هئي ۽ واپس تون پاڻ شروع ڪان چالو ڪندو هئين. اهو بہ نيڪ نہ آهي. ٻيو ڪجهہ ٻڌاءِ.''

سنت جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. هن سوچيو، ''هن جي جيون جي تپسيا بيڪار ٿي ويئي. هو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

اوچتو ان مهل هن جي ننڊ کلي پئي. هن سپني جي مطلب کي سمجهيو تہ بنا مطلب سوارٿ جي ڪيل ڪم ئي صحيح نموني ۾ پوتر آهي.

بنان سوارٿ جي ڪيل ڪم پوڄ برابر آهي.

کان توهان سان گڏ آهيان - مان هڪ نگهه آهيان - مان اهو هيرو چورائڻ چاهيان پيو. توهان ڏينهن جو اهو هيرو پنهنجي قميص ۾ رکو ٿا. پر رات ۾ توهان جي کيسي ۾ ڪونه هوندو هو. جڏهن توهان ننڊ ۾ هوندا هئا تڏهن توهان جو سڄو سامان جاچيندو هوس - هيري جي تلاش ڪندو هوس. قميص جو کيسو به ڏسندو هوس، توهان جو جوتو به ڏسندو هوس. نگهه ڇيس.

”دوست ! واپاري چوڻ لڳو ! مون کي توهان مٿان شڪ پيو. ڇو جو مون توهان کي شهر جي جوهريءَ جي دوڪان تي ڏٺو هو ۽ هتي مونسان گڏ ايندي ۽ هڪ ڌرمشالا ۾ ٽڪندي به ڏٺو. مون سوچيو ته توهان جي من ۾ هيرو ٿو وسي. ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان توهان حاصل ڪرڻ چاهيندا - وري توهان مون سان گڏ رهڻ لاءِ چيو ته پڪ ٿي - مون ’ها‘ ڪئي ته گڏ رهنداسين - جڏهن توهان رات سمهڻ کان اڳ ضروري حاجت لاءِ غسل خاني ويندا هئا تڏهن هيرو توهان جي وهاڻي هيٺان رکي ڇڏيندو هوس ۽ صبح جڏهن توهان حاجت لاءِ ويندا هئا ته واپس ڪڍي ڇڏيندو هوس.

اڻ چاڻ اِنسان مٿان هڪ دم وشواس نه ڪجي.

سچائي

هي ء ڪٿا مشهور آهي. ڪجھ بدليل توهان به پڙهي هوندي يا پڙهي هوندي. ٻه مسافر هڪ ڌرمشالا ۾ رهيا پيا هئا. برسات جي موسم هئي. اڄ آمدرفت جا وسيلا ايترا گهڻا ڪونه هئا جيترا اڄ آهن. گهڻو ڪري ماڻهو پيدل مسافري ڪندا هئا.

ٻئي مسافر هڪ ٻئي کان واقف ٿيا. هڪ ٻئي کي چيو، ”خبر ڪانه آهي موسم ڪڏهن صاف ٿئي. ٻئي هڪ رستي جا راهگير آهيون منهنجو ڳوٺ ٿورو اول ايندو - ڇو نه هڪ ئي ڪمري ۾ رهون. ڳالهين ۾ وقت به نبري ويندو ۽ ڪمري جو ڪرايو به بچي ويندو. مان اڌ ڪرايو ڏيندس.

ٻئي مسافر کي ڪو اعتراض ڪونه ٿيو. ٻئي گڏ رهڻ لڳا. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ موسم صاف ٿي. هو مسافرخانو ڇڏي رستي تي آيا ۽ هلڻ لڳا.

تڏهن پهرين مسافر ٻئي کان پڇيو، ”دوست ! هلڻ کان اڳ مان توهان کان هڪ سوال پڇان ٿو - دل ۾ نه ڪيو ته پڇان.“

”ها - ها ! پڇو“ جواب مليو.

”توهان هڪ جوهري آهيون - هيرن جواهرن جو واپار ڪندا آهيون.“

”ها.“

”توهان جنان قيمتي هيرو خريد ڪيو آهي مان اتان

سچ جو تجربو

پراڻي زماني جي ڳالهه آهي. هڪ راجا جهنگل مان وڃي رهيو هو. رستي تي وڻ هيٺان هڪ مهاتما پنهنجي تپسيا ۾ مگن هو. راجا ڌرم ڪرم وارو هو. هن ۾ گيان وٺڻ جي منشا پيدا ٿي. هو مهاتما جي اڳيان ويهي هن جي پوڄا پوري ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ مهاتما اکيون کوليون راجا کي سڃاتائين. راجا هٿ جوڙي پرڻام ڪيو. مهاتما جي پڇڻ تي راجا عرض ڪيس ته، ”سوامي سچ کي ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ سچ جو سواد ڪهڙو ٿيندو آهي؟“

مهاتما ٿورو مشڪي چيس، ”پهرين اِهو ٻڌاءِ ته جنهن پنهنجي جيون ۾ انب ڪونه کاڌو هجي هن کي تون انب جو سواد ڪيئن ٻڌائي سگهندين؟“

راجا سوچ ۾ پئجي ويو. گهڻو ئي سوچيائين پر ڪوبه طريقو سمجهه ۾ ڪونه آيس. آخر ۾ مهاتما کي پرارٿنا ڪيائين ته توهان ٻڌايو.

مهاتما پنهنجي پرسان رکيل انبن جي ٽوڪريءَ مان هڪ انب ڪڍي راجا کي ڏنو ۽ کائڻ لاءِ چيائينس.

راجا انب کاڌو ۽ سمجهي ويو ته سواد کي اهو ئي ماڻي جيڪو اهو سچ چاڪي. سچ ٻڌائڻ سان سواد جو مناس چکي ڪونه سگهبو جيڪو خود چکيندو اهو ئي سواد ماڻي سگهندو.

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ گهڻو فرق آهي.

چنچل مايا

ديهہ جي سونهن، ڌن جو دَمُ، گيان ۽ اهنڪار گھڻو ڪري انسان کي انڌو ڪري ڇڏين. ڪو ورلي آهي تہ سمجهي ٿو تہ اهي سيئي دائما ڪونہ آهن - ڪڏهن اهي ڇڏي ٿا وڃن پتو ڪونہ پوي.

ڪٿا آهي هڪ شاهوڪار جي - رحم دل، دولت کي فاني سمجهڻ وارو ۽ ضرورتمند کي هميشه سهائتا ڪرڻ وارو وڪرم نالي اِنسان هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو ڪڏهن پنهنجي دولت مٿان گھمنڊ ڪونہ ڪندو هو. هنجي ساراهہ آس پاس جي ڳوٺن ۾ بہ ڦهليل هئي. هن جي در تان ڪوبہ هٿين خالي ڪونہ ويندو هو.

هن جي سامهون ڪو هن جي واکاڻ ڪندو هو تہ هنجون اکيون هيٺ جهڪي ونديون هيون. هو گھڻو وقت اتي بيهي ڪونہ سگھندو هو. هن جا گھڻگھرا جڏهن هن کان پڇندا هئا تہ هو پنهنجون اکيون هيٺ ڪري بيهندو آهي جڏهن هن جي تعريف ڪئي ويندي هئي تہ؟ هو هنن کي چوندو هو تہ جنهن ڌن سان ٻين جي مدد ٿيندي آهي، اهو ڌن ڪنهن جو سڳو ڪونهي. ان جو ڪو نڪاڻو بہ ڪونہ آهي. هيءَ دولت چنچل آهي. ان جو سڀاءَ آهي ٻَٽڪڻ هڪ جڳهہ ٽڪي ئي ڪانہ. هو نہ ڪنهن جو آهي ۽ نہ ڪڏهن هميشه لاءِ ٿيندي. پر ماڻهو ان کي منهنجي سمجهي منهنجي عزت ڪندا آهن، منهنجي ساراهہ ڪندا آهن. مان هنن جو ڀرم سمجهي پنهنجون نظرون هيٺ ڪري ڇڏيندو آهيان.

دوست اهي جواب ٻڌي جذباتي ٿي گھرائيءَ سان هنجي واکاڻ ڪندا هئا.

ڌن ڪنهنجو سڳو ڪونهي.

گندن لفظن لاءِ پڇتاءُ

هڪ ماڻهوءَ پنهنجي پاڙيواريءَ سان جهيڙو ڪندي ڪيترائي خراب لفظ چيس. پڙوسي چپ چاپ ٻڌندو رهيو. جڏهن جهيڙي ڪندڙ جو من شانت ٿيو تڏهن هنکي گهڻو پڇتاءُ ٿيو ۽ بيچيئن ٿي پيو. آخر ان کي پنهنجي پڇتاءَ جو علاج ڪرڻ جو خيال آيو ۽ هو هڪ ساڌو مهاتما وٽ پنهنجي شانتيءَ لاءِ ويو ۽ هٿ ٻڌي مهاتما کي عرض ڪيائين، ”مهاراج ! مان گندن لفظن چوڻ جو پڇتاءُ ٿو ڪرڻ چاهيان جيئن مونکي شانتي ملي ۽ بيچيئني هلي وڃي.“

مهاتما چيس ته، ”هڪ ٿيلهو پري ڪنڀ ڪٺي اچ.“

هو ٿيلهو پري ڪنڀ ڪٺي آيو. تڏهن مهاتما چيس ته، ”اهي ڪنڀ شهر جي وڏي چونڪ ۾ اُڏائي اچ.“ ساڌوءَ جي چوڻ موجب هو ڪنڀ اُڏائي آيو.

تڏهن ساڌوءَ چيس، ”ته واپس اهي ڪنڀ ميڙي چونڊي واپس ڪٺي اچ.“

هو شهر جي چونڪ وٽ ويو پر ڏٺائين ته ڪنڀ هيڏي هوڏي اُڏامي گم ٿي ويا آهن.

هاڻي موٽي مهاتما کي ٻڌايائين، ”سائين اهي ساڳيا ڪنڀ واپس ڪٺي اچڻ ناممڪن آهن.“

آخر ۾ مهاتما سکيا ڏنس، ”پٽ ! تون پشچاتاپ لاءِ ڪجهه به ڪوشش ڪندين پر جيڪي لفظ تو پڙوسيءَ کي چيا آهن اهي واپس ڪڏهن ڪونه ايندا - جيئن هوا ۾ اُڏايل ڪنڀ جنهن کي واپس گڏ ڪري ڪونه سگهيو آهي.“

ڪمان مان نڪتل تير،

مُک مان نڪتل لفظ واپس ڪونه ايندا.

محفوظ ڳڙهہ

پراچين سمي ۾ رِشي مُني پهاڙن جي غفائن ۽ گهاٽن جهنگلن ۾ وڃي تپسيا ڪندا هئا ۽ پرماتما ۾ لين ٿيڻ لاءِ جوڳ ڪمائيندا هئا. هو نرجن جڳهين ۾ رهندا هئا ۽ عام اِنسانن کان جدا رهي شانتي حاصل ڪندا هئا. ڪن جوڳين ۽ رشين جا چيلا ۽ شِش بہ هوندا هئا.

هڪ ڪٿا آهي. هڪ جوڳيءَ کي شِش هٿ جوڙي وينتي ڪئي، ”توهان هتي اڪيلي سنسان جڳهہ ۾ تپسيا ٿا ڪيو ڪڏهن ڪو ڌاڙيل يا بدمعاش اچي توهان مٿان حملو ڪري تہ توهان ڪيڏانهن وڃي پاڻ کي بچائيندا ؟“

جوڳي کلي چيس، ”پٽ مان پنهنجي محفوظ ڳڙهہ ۾ هليو ويندس.“

”ڀڳوان ! اهو سلامتيءَ وارو ڳڙهہ ڪٿي آهي؟“

جوڳيءَ دل مٿان هٿ رکي ٻڌايس، ”اهو هتي منهنجي اندر آهي. ان مٿان ڪوبہ حملو ڪونہ ڪري سگهندو. ديهہ ناس ٿيڻ واري شيءِ آهي. ان کي نشٽ ڪري سگهجي ٿو. پر جيڪو ان اندر وينل آهي ان کي سڃاڻڻ ئي منهنجي منزل آهي، رکيا آهي، سلامتي آهي. جنهن ان جي مضبوطيءَ کي ڪونہ سڃاتو آهي، ان جو سڄو جيون ئي سلامت آهي. هو هر گهڙيءَ پنهنجن ويرين جي وچ ۾ وڪوڙيل محسوس ڪندو رهندو.“

شش سمجهي ويو تہ آتما امر آهي. ان مٿان ڪوبہ حملو ڪونہ ٿي سگهندو.

آتما امر آهي.

آهي. يعني منش جي وهنوار ئي هنکي سڦلتا ڏئي.

ڏيري ڏيري نيمچند جو من بہ بدلجڻ لڳو ۽ هاڻي هنکي سمجهہ ۾ آيو تہ سندس زال اهو منتر هنکي سمجهائڻ لاءِ ٻڌايو هو.

پوءِ هو پنهنجي ٻارن ۽ پتنيءَ کي وٺي پنهنجي گهر آيو ۽ ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ۽ سدا هنجي گهر ۾ خوشين ڀريا ڏينهن ٿيڻ لڳا.

محنتي اِنسان سدا سکي.

سڀ ئي ڏينهن ڏڻ

هڪ ڳوٺ ۾ نيمچند نالي ماڻهو رهندو هو. نيمچند معنيٰ نيم انوسار ڪم ڪندڙ - پر هنجو سڀاءُ بلڪل ابتر هو - ڪڏهن اٿندو هو ڪڏهن سمهندو هو ڪڏهن ڪم ڪندو هو ان جي خبر ڪنهن کي ڪونه هئي. هنجو ڪوبه نيم ٽيم ڪونه هو. نه هو ڪنهن وٽ ويندو هو نه ڪنهن مهمان جو آدر ستڪار ڪندو هو. گهڻو ڪري سڄو ڏينهن ويهي، رلي پني اچي ويهندو هو. هنجي زال هن جي وهنوار ڪري گهڻو دکي ٿي هڪ ڏينهن ٻارن سميت پنهنجي پيڪي گهر هلي وئي.

نيمچند کي روٽي کائڻ پچائڻ جي تڪليف ٿيڻ لڳي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هو به پنهنجي مڪان کي تالو ڏيئي پنهنجي زال جي پيڪن ۾ اچي رهيو. بيڪار سست ٿي پئي روٽيون کائيندو هو. سندس زال هڪ رمز سوچي ۽ نيمچند کي چيائين ته ''هڪ مهاتما مونکي ٻڌايو آهي ته تنهنجي پتيءَ جو ڀاڳ جلد کلندو بس هو فقط ٻين کي چوي ته،

''سڀُ ئي ڏينهن آهن ڏڻ ۽ ان انوسار وهنوار پڻ.''

نيمچند اهو منتر سيني کي ٻڌائڻ لڳو. ٻڌي هرهڪ ماڻهو پنهنجي سوچ انوسار ان جو مطلب ڪڍي آخر ۾ چوندو هو ته سچ آهي ته جيڪڏهن ماڻهو روز روز ڪم ڪري ته هن لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي هن لاءِ ڏڻ وانگر آنند پريو ڏينهن

ڪٽي اچ.''

ٻئي ڏينهن ٻڍي راجا جي چوڻ انوسار ڪيو ۽ دربار ۾ حاضر ٿي چيائين، ''مهاراج، سڀ ٽڪرا گڏ ٿي ڪونہ سگهيا ڇو جو هوا ڪري ڪيترا الائي ڪيڏانهن هليا ويا.'' راجا چيس، ''اهڙي طرح مک مان نڪتل لفظ بہ الائي ڪيئن ڇئني طرف پکڙجي ويندا آهن. جنهن ڳالهہ لاءِ پورو يقين ڪونہ هجي تہ اها چوڻ بہ نيڪ ڪانہ آهي. ٻڍيءَ پنهنجي غلطي قبول ڪئي ۽ نوجوان کان معافي گهري.

بنا پڪ جي ڪجهہ ڪونہ چئجي.

ثبوت هجي تہ چئُہ

ڳالھ پراڻي آهي. هڪ ٻڍي جي پنهنجي پاڙيسري نوجوان سان ڪانہ نهندي هئي. هڪ ڏينهن ڳوٺ جي سيٺ جي گهر چوري ٿي. ٻڍي چوڻ شروع ڪيو تہ ”اهو ڪم پڪ ئي پڪ منهنجي پڙوسي نوجوان ڪيو آهي. ٻيو ٿي ئي ڪونہ ٿو سگهي.“ اها خبر ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي ۽ ڳوناڻن هن نوجوان کي سپاهين جي مدد سان پڪڙايو. پر جڏهن پوليس جاچ ڪئي تہ اصلي چور ڪو ٻيو نڪتو. نوجوان بيگناھ هو ۽ هنکي باعزت ڇڏيو ويو. پر ڳوٺ وارن کان پهرين جهڙي عزت ڪانہ مليس. هو هن سان ڳالهائڻ کان ڪيٻائڻ لڳا. ان ڳالھ تي نوجوان کي ڏاڍو صدمو پهتو ۽ هن ٻڍي کي مارڻ جي ڌمڪي بہ ڏني.

ٻڍي ڌمڪيءَ جي باري ۾ راجا کي شڪايت ڪئي. راجا ٻنهي کي گهرائي هنن جي ڳالھ ٻڌي.

راجا ٻڍي کي چيو، ”پهرين غلطي توکان ٿي آهي ۽ ٻي غلطي نوجوان کان ٿي آهي. ٻئي هڪ ٻئي کان معافي گهرو. نوجوان هڪ دم معافي گهري پر ٻڍي چيو تہ ”مهاراج مان ڇا لاءِ معافي گهران. سڄي ڳوٺ ۾ مون تہ هنجي چور هئڻ جي ڳالھ ڪانہ ڇئي. راجا چيس، ”ڇڱو جيڪو ڪجھ تو نوجوان لاءِ چيو اهو سڀ ڪاغذ تي لکي ڏي نہ تہ تون سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار رھ.“

ٻڍي ڪاغذ تي سڀ لکي راجا کي ڏنو. راجا پڙهي ڪاغذ واپس ٻڍي کي ڏئي چيو تہ، ”هنکي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻاهر اُڇل ۽ وري گڏ ڪري ڪٺي اچ ۽ سنڀالي مون وٽ

ڪرڻ سڀ کان اول توهان جو فرض آهي.''

اهڙي حوصلي واري ڳالهہ ٻڌي سيناپتي واپس جنگ جي مئدان ۾ ويو ۽ پنهنجي سئنڪن کي همٿائڻ لڳو. سڄي سئنا نئين طاقت سان جنگ لڙي ۽ وشال سئنا کي هارائي ڇڏيو. دشمن جي سئنا واپس پنهنجي راڄ ۾ هلي وئي.

من جي هاري هار، من جي جيتي جيت.

من جي طاقت

آڳاٽي سمي ۾ ننڍا ننڍا راجيہ هوندا هئا. انهن جا پنهنجا پنهنجا راجا بہ هوندا هئا ۽ هنن جي سينا بہ هوندي هئي. اڪثر پنهنجي راڄ جي چوڌاري قلعا يا اوچي ديوار ٺهرائي پنهنجي راڄ جي رکيا ڪندا هئا.

ڪي وڏا راجا ننڍن راجن مٿان حملو ڪري هنن کان ڏن وصول ڪندا هئا. هڪ دفعي هڪ وڏو راجا پنهنجي وڏي سنئا وٺي پرسان هڪ ننڍي راجا مٿان حملو ڪيو. ننڍي راڄ جي سيناپتي پنهنجي سئنڪ شڪتي انوسار بهادريءَ سان وڙهيو. لڙائيءَ جي وچ ۾ ئي سيناپتيءَ ڏٺو تہ هنجي سينا جو منوبل ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ پڪ ئي پڪ هار پلئہ پوندي. نراش ٿي هو گهر هليو ويو.

سيناپتيءَ جي پتنيءَ کي جڏهن خبر پيئي تہ هنجو بهادر پتي نراش ٿي جنگہ جي مئدان کان هلي آيو آهي تڏهن دک ٿيس. هن پنهنجي بهادر گهوٽ جو حوصلو وڌايو ۽ چيائينس، ”اهو برابر برو آهي تہ جنگہ ۾ اسان هارائي رهيا آهيون پر توهان کي پنهنجي من جي طاقت نہ هارڻ گهرجي. توهان جو حوصلو آخري ڪڻ تائين وڌيل هجي. هار جيت تہ ٿيندي - پل جان بہ هلي وڃي پر پنهنجي راڄ لاءِ، پنهنجي حق لاءِ، پنهنجي آزاديءَ لاءِ سڀ ڪجهہ قربان

وري ٻيو پٿر لاهي ڇڏايو. اڃان مٿي چڙهي نہ ٿڪان محسوس ڪري ۽ سنت هن کان هڪ ٻيو پٿر لاهرائي ڇڏايو. اهڙيءَ طرح جڏهن سيئي پٿر هن لاهي ڇڏيا تڏهن هو شخص سولائيءَ سان چوٽيءَ تي چڙهي آيو.

تڏهن سنت شخص کي سمجهايو، ”جيستائين تنهنجي سِرَ مٿان پٿرن جو بوجهو هو تيسائين تون چوٽيءَ تي ڪونہ پهچي سگهين. پر جيئن ئي پٿر اڇلائي ڇڏيا، چڙهڻ سولو ٿي پيو - ان طرح پاپن جو بوجهہ سر مٿان ڪٿي پرماتما کي پائي ڪونہ سگهندين. شخص سنت جي پيرن تي ڪِري قبول ڪيو تہ جيترا بہ عيب آهن اهي ڇڏڻ کانسواءِ پرماتما سان ملڻ مشڪل آهي. هو شخص پوري طرح بدلجي ويو.

عيبن ڀريل اِنسان پرماتما کان پري آهي.

سنت جي سکيا

ڳوٺ کان ٻاھر ھڪ مندر ۾ ھڪ سنت ستسنگ ڪندو ھو. ھڪ شخص بہ وقتي ستسنگ ۾ شامل ٿيندو ھو. ھو سنت کي چوندو ھو تہ ھنکي پرماتما سان ملڻ جو رستو ٻڌائي. سنت کي خبر ھئي تہ ھو ڳوٺ جو بدمعاش انسان ھو. ھو چوري ڪندو ھو. جوئا ڪندو ھو، دارون پيئندو ھو. پنھنجي ڏاڏائيءَ سان ٻين کان پئسا وٺندو ھو ۽ عورتن کي تنگ ڪندو ھو.

سنت ڪنھن نہ ڪنھن نموني ھن کي ٽاري ڇڏيندو ھو. ھڪ ڏينھن ان شخص ستسنگ کانپوءِ ضد ڪيو تہ ھنکي پرماتما کي پائڻ جو مارگ ٻڌايو وڃي. سنت ھنجي پريل اچا ڏسي چيس تہ ھو سڀاڻي سويل اچي تہ ھو ھنکي پرماتما کي پائڻ جو رستو ٻڌائيندو.

ٻئي ڏينھن اھو شخص آيو. سنت ھنکي چيو، ”پھاڙ جي چوٽيءَ تي ھلڻو آھي. اھو مارگ ڏسڻ ۾ ايندو. پر توکي متي تي ھيءُ سيئي پٿر کڻي ھلڻا آھن.“ سنت پٿرن جو ڍير ڏيکاريندي چيس.

ھن متي تي جيترا پٿر کڻي سگھيو کڻي ھليو. پھاڙ تي چڙھندي ھو ڏکڻ لڳو پر ھن ھمٿ نہ ھاري. سنت اڳ ۾ پوئتان پٿر کنيل شخص. اڌ رستي ھو ٿڪجي پيو. ھن سنت کي چيو تہ، ”بوجھہ گھڻو آھي ھلڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي.“ سنت چيس، ”ھڪ پٿر لاھي اڇل“ ھن ھڪ پٿر لاھي ڇڏيو ۽ چڙھڻ لڳو. ٿوري پنڌ ڪرڻ کانپوءِ وري ٿڪجي پيو. سنت

نديءَ ۾ لڳي باهہ

هيءَ ڪٿا ان وقت جي آهي جڏهن انسان ۽ جانور پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هئا. هڪ ٻئي سان ڏکہ درد ورهائيندا هئا.

هڪ دفعي هڪ دوڪاندار واپار ڪرڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي ٻئي شهر وڃي رهيو هو. رستي ۾ هن کي هڪ لومڙي ملي. هوءَ دٻڻ ۾ ڦاٿل هئي. هن دوڪاندار کي عرض ڪيو تہ هن جي مدد ڪري ۽ هنکي دٻڻ مان ٻاهر ڪڍي. دوڪاندار چيس تہ هوءَ چالاڪ جانور آهي. بدلي ۾ هن کي نقصان پهچائي سگهي ٿي. لومڙيءَ چيس، ”ڀائي تون هڪ دفعو مونکي بچاءِ تہ وقت ايندي مان تنهنجي مدد ڪندس. دوڪاندار رحمدل هو. هن کي دٻڻ مان ٻاهر ڪڍي، اڳتي گهوڙي تي چڙهي هليو ويو - هلندي هلندي هن کي رستي تي رات اچي ٿي ۽ ٿڪجي بہ پيو - ٿورو اڳيرو هڪ ڳوٺ هو - هو ڳوٺ ۾ ويو ۽ هڪ سنو مڪان ڏسي اتي آيو - مڪان مالڪ کي هڪ رات رهڻ لاءِ عرض ڪيو - مالڪ خوشيءَ سان ها ڪيس - کائڻ پيئڻ جو بہ انتظام ڪري ڏنائينس.

دوڪاندار پنهنجو گهوڙو گهر کان ٻاهر هڪ ڪِلي سان ٻڌي پاڻ بيفڪرو ٿي ورانڊي ۾ سمهي پيو - صبح سوير اٿي اڳتي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو تہ ڏنائين تہ مٿان مالڪ گهوڙي تي چڙهي وڃي رهيو آهي - هن مالڪ کي چيو تہ، ”هيءُ گهوڙو منهنجو گهوڙو آهي،“ ”نہ، اهو منهنجو - هيءُ ڪِلو هر سال گهوڙي کي جنم ڏيندو آهي. رات جو ان گهوڙو ڄڻيو آهي.“

”ڪاٿ جو ڪلو ڇا گهوڙو ڄڻندو آهي؟“

”ها.“ پڇي ڏس، پاڙيوارن کان.“ مالڪ چيو.

سڀ پچ سيني پاڙيوارن مالڪ جي ڳالهہ کي صحيح ٻڌايو.

غريبي اميري ۾ فرق

ڪتا گهڻو پراڻي ڪانهه آهي. وڏن ٻڌايو هو ته اها سچي ڳالهه آهي. هڪ وڏي ٻوٽ ۾ هڪ ڏنوان هو. هن کي پنهنجي دولت مٿان گهڻو گهمنڊ هو. هو غريبن ۽ پنهنجي اوقات کان گهٽ وارن کي ڏسي من ئي من گهڻو خوش ٿيندو هو. پاڻ جهڙي خوشي پنهنجي نوجوان پٽ جي من ۾ پئدا ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن هو پٽ کي غريبن جي بستي (پاڙي) ۾ وٺي ويو. هو سيئي هڪ ڪليل جڳهه تي پنهنجن ننڍن جهوپڙن نمان جڳهين ۾ رهندا هئا.

ڪافي وقت اتي ڏيي رهواسين سان ڳالهائي هو واپس گهر موٽي آيا. مفسلي ضرور هئي پر ڪل خوشيءَ ۾ اها خاص ڏسڻ ۾ ڪونه آيئن.

گهر پهچڻ تي ڏنوان، پٽ کان پڇيو، ”پٽ ! ڪيئن لڳو توکي غريبن سان گڏجڻ ؟ تو ته ڏٺو نه جن وٽ ڏن ڪونهي، ڪيئن ٿا مفسليءَ ۾ گذر بسر ڪن؟“

”ها، بابا.“ پٽ حليمائي سان جواب ڏنو. ”ڇا سبق تو پرايو؟“

”بابا !“ پٽ چوڻ لڳو، ”اسان وٽ هڪ تلاءُ آهي. هنن وٽ وڏي نهر آهي جنهن ۾ سهنج سان ترن ٿا، شنان ٿا ڪن. اسان وٽ هڪ اڌ جانور آهن پر گهڻئي جانورن جا هو مالڪ آهن. اسان جي ڪمرن ۾ بلب ۽ ٽيوب لائيٽون روشني ٿيون ڏين پر هنن وٽ روشني ڏيڻ لاءِ وشال ڪائنات آهي. تمام وڏو آسمان آهي. اسان جي سنڀال اسان جا نوڪر چاڪر ٿا ڪن. پر هو سيئي هڪ ٻئي جي پرگهور ٿا لهن. اسان بازار مان خريد ڪيل پوڄن ٿا کائون پر هو جيترو وٽين پئدا ڪري پوڄن ٿا کائن. اسان بند ڪمرن ۾ وڏين ڀتين ۾ ٿا رهون جڏهن هو ڪليل ڀڌر ۾ ٿا رهن.“ ڏنوان ٻڌي لاجواب ٿي ويو. هو سمجهي ويو غريبي ۽ اميري ۾ فرق هو - هو خود غريب آهن. قدرت ۾ لاجواب سک آهي.

دشت مالڪ وٽ نوڪري نہ ڪجي

پراڻي ڪٿا آهي. هڪ ٻوٽ ۾ هڪ ڪنير هو. هن وٽ هڪ وڏو گڏهہ هو. هو گڏهہ کان ڪم تہ پورو وٺندو هو پر کاڌو پورو ڪونہ ڏيندو هوس. ڪنير دشت تہ هو پر ڪنجوس بہ گهڻو هو - گهٽ کاڌي ڪري گڏهہ ڪمزور ٿيندو ويو. ڪنير سوچڻ لڳو تہ اهڙو ڪجهہ ڪجي جو گڏهہ ڪم بہ پورو ڪري هنکي گاهہ بہ پورو ملي.

هن هڪ رمز ڪئي. هن هڪ چيتي جي کل هٿ ڪئي. کل گڏهہ کي پائي ٻوٽ جي کيتن ۾ ڇڏي ايندو هوس - جڏهن هاري ڪسان کيت ۾ چيتو ڏسندا هئا تہ ڀڄي پنهنجي گهر هليا ويندا هئا - گڏهہ ديءَ ڪري کيت چرندو هو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ٿلهو متارو ٿي پيو -

ڪنير ڏاڍو خوش رهڻ لڳو.

هڪ ڏينهن هڪ هاريءَ گڏهہ کي چيتي جي کل ۾ پنهنجو کيت چرندو ڏٺو هن کي عجب لڳو تہ ”هتي چيتو ڪڏهن آيو ۽ چيتو گاهہ کيئن ٿو کائي؟“

ٻئي ڏينهن هو هڪ لٺ کڻي کيت ۾ آيو. گڏهہ کي چيتي جي کل ۾ ڏسي هن هڪل ڪئي. هاريءَ کي ڪمبل پاتل هو تہ متان جانور حملو ڪري تہ پاڻ کي بچائي لٺ سان وار ڪري. جڏهن گڏهہ هڪل ٻڌي تہ پنيان ڏنائين ڪمبل ۾ پاتل هاري ڏسي هن پاڻ جهڙو گڏهہ سمجهيو ۽ پنهنجي نموني آواز ۾ ”ڍينچو“ ”ڍينچو“ ڪرڻ لڳو. هاڻي هاريءَ کي ڄاڻ ٿي تہ هي گڏهہ آهي ڪو ٻيو ڪو جهنگلي جانور ڪونهي. هن لٺ سان گڏهہ جي خاصي مرمت ڪئي.

تنهن ڏينهن کان کيتن ۾ چيتو اچڻ بند ٿي ويو.

پاهرن سٺن ڪپڙن ۾ انسان سٺو ڪونہ ٿئي ٿو.

جتي دوڪاندار رات گذاري اهو گهر نگن جي سردار جو هو. سچو پاڙو نگن جو پاڙو هو.

دوڪاندار راجا کي دانهن ڏني - راجا نگ ۽ هنجي پڙوسين کي ٻڌو. مجبور تي فتوي ڏني تہ سچ پچ مالڪ جو ڪلو هر سال گهوڙو ڄڻيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ پڙوسي چون ٿا تہ اهو سچ آهي.

گهوڙو نگنڪ سردار وٽ رهيو.

ان وقت دوڪاندار کي لومڙي ياد آئي. هو واپس جهنگل ۾ ويو ۽ لومڙيءَ کي پنهنجي دک پريل ڪهاڻي ٻڌائي.

لومڙي دوڪاندار کي ڪجهہ سمجهائي راجا جي محل جي ٻاهر دروازي وجي ليٽي - پهريدار گهٽو ئي روڪيس پر هوءَ واقعا ڪندي راجا جي محل اندر هلي وئي.

راجا خود لومڙيءَ کي روڪي پڇيو، ”ڇا آهي ايترو رڙيون ڇو ٿي ڪرين؟“

”مهاراج، مان توهان سان ئي ملڻ ٿي چاهيان. منهنجو دوست تڪليف ۾ آهي.“ لومڙيءَ وينتي ڪندي راجا کي چيو.

”ڇا ڳالهہ آهي؟“ راجا پڇيو.

”مهاراج، رات نديءَ ۾ باهہ اچي لڳي. مڇيون مري رهيون هيون. مان هڪ هڪ ڪري ڪائيندي رهيس. مونکي ننڊ نہ ٿي اچي ان ڪري اِن محل جي ورانڊي ۾ اچي ليٽيس.“

”تون پاڳل آهين ڇا، نديءَ ۾ باهہ ڪيئن لڳندي؟“ راجا چيس.

”مهاراج جڏهن ڪاٺ جو ڪلو گهوڙو ڄڻي سگهي ٿو تہ نديءَ ۾ باهہ بہ ٻري سگهي ٿي. لومڙيءَ چيو - راجا سڀ سمجهي ويو - هن سپاهين کي نگ کي پڪڙي جيل ۾ وجهڻ ۽ گهوڙو دوڪاندار کي موٽائي ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

سٺو ڪم سٺو انجام ڏيندو آهي.

شينهن ۽ راهگير

هڪ تلاءَ جي ڪناري پرسان هڪ ٻڍو شينهن رهندو هو. هو پاڻ شڪار ڪرڻ کان لاچار ٿي پيو هو. پر تہ بہ ڏاڍو چالاڪ هو. هن وٽ هڪ سونو ڪنگڻ هو. ايندڙ ويندڙ راهگيرن کي چوندو هو، ”مون وٽ اچي سونو ڪنگڻ انعام ۾ وٺي وڃو.

پر خوف کان ڪوبہ هن جي پرسان ڪونہ ويندو هو. هڪ ڏينهن هڪ غريب راهگير اتان لانگهائو ٿيو. شينهن جي ڳالهہ ٻڌي من ۾ چيائين، ”سچي عمر غريبيءَ ۾ گذاري اٿم جي اهو سونو ڪنگڻ ملي ويندو تہ باقي جيون سکہ سان گذري ويندو پر گڏوگڏ اهو بہ خيال آيس تہ ڪنگڻ جي چڪر ۾ پنهنجي جان نہ هلي وڃي.“ ان ڪري شينهن کي چيائين، ”مان ڪيئن تو تي وشواس ڪريان تہ ڪنگڻ ڏيڻ وقت تون مونکي نہ کائيندي.“

شينهن چيس، ”تنهنجو چوڻ ٺيڪ آهي. مان شينهن آهيان نردوش جانورن کي ماري کائي ڇڏيندو آهيان. پر دوست ! مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي جانورن کي ماري کائي ويو آهيان. هاڻي ٻڍاپي ۾ دان پڇ ڪري ٻيو جنم سڌارڻ ٿو چاهيان. ان ڪري گهڻو ڪونہ سوچ-پرسان اچ. تلاءَ ۾ شنان ڪر ۽ ڪنگڻ کڻي وڃ.“

غريب لالچ جي وس اچي ويو. شينهن جي ڳالهہ تي وشواس اچي ويس. شينهن جي پرسان تلاءَ ۾ شنان لاءِ جيئن ئي گهريو تہ اونهي ڊُٻڻ ۾ ڦاسي پيو. تڏهن هن مشڪندي چيس، ”اڙي ڀائي تون دٻڻ ۾ ڦاٿو آهين. مان ٿو اچي توکي ٻاهر ڪڍان.“ راهگير سمجهي ويو. تہ هن شينهن مٿان وشواس ڪري وڏي ڀل ڪئي. ان وچ ۾ شينهن پرسان اچي هنکي پنهنجو شڪار بڻايو.

لالچ بري بلا آهي.

پاڻ تي وشواس

هڪ جڳهه چار جانور، ڳانءِ، گهوڙو، گڏهه ۽ ٻڪري پاڻ ۾ ملندا هئا. گڏ گاهه به کائيندا هئا. ايئن ڏسڻ ۾ ايندو هو ته هو گهرا دوست آهن - پرسان هڪ ٻوٽي جي پرسان هڪ سهو به رهندو هو. هو هنن چئني کي ڏسي خوش ٿيندو هو - هڪ ڏينهن هو هنن وٽ آيو ته هو به هنن جي دوستيءَ جو قائل آهي. هو هنن سان رهڻ ٿو چاهي - چئني کي ڪو اعتراض ڪونه هو.

هڪ دفعي هو چئني جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو ته هنن شڪاريءَ جو آواز ٻڌو - شڪاريءَ سان گڏ ڪتا به هئا.

سيني پنهنجي پنهنجي جان بچائڻ جي سوچي. سهي ڳانءِ کي چيو، ”پيٺ مونکي پٺيءَ تي وهار ته جيئن مونکي شڪاري ڪتا ڪونه پڪڙي سگهن.“ ڳانءِ چيس، ”مان گهر وڃان ٿي ٽائيم ٿي ويو آهي.“ سهي گهوڙي کي عرض ڪيو. هن به چيس، ”هو هيٺ ويهي ڪونه سگهندو آهي.“

سهي گڏهه کي چيو ته گڏهه چيس، ”ته دير ڪندس ته ڪنير هٽي هن جا هڏ پڃي ڇڏيندو.“

سهي ٻڪري طرف ڏنو مس ته ٻڪري چيس، ”مون وٽ ايندي ته مونکي به ڪتا کائي ويندا.“

سهي کي هاڻي جاڻ ٿي. دوست مصيبت ۾ ڪم ايندا آهن. هو چارئي هن جا دوست ڪونه آهن. هن کي پاڻ مٿان وشواس ڪرڻ کپي. هو هڪدم ڊوڙندو پنهنجي ٻوٽي پوئتان لڪيو. جڏهن ڪتا هليا ويا. تڏهن هن جي اندر ساهه پيو.

آتم وشواس جيت ڏياريندو آهي۔

هن سڀني کي سمجهايو، ”پر توکي خبر آهي ته جيڪڏهن مونکي ٿورو به پاڻي نه ملي ها ته مان مري وڃان ها.“ ”نه ناني نه ائين نه چئو.“ ننڍڙو سهو نانيءَ کي ڀاڪر پائي ويهي رهيو. هن باندر کي گهٽ وڌ ڳالهايو. نانيءَ اهو سنو موقعو ڏسي چيس، ”پر نديءَ جي پاڻيءَ مٿان سڀني ساهوارن جو هڪ جيترو حق آهي. اهو پاڻي اسان کي ڀڳوان ڏنو آهي ته جيئن پاڻي پي ڪري پنهنجي پراڻن جي رکيا ڪري سگهون. ته پوءِ هاٿي نديءَ جو مالڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهي. نانيءَ سڀني کي هڪ ترڪيب ٻڌائي. ٻئي ڏينهن جڏهن هاٿي آيو ته سڀني ڪڏندي هاٿيءَ کي ٻڌايو ته هاٿي دادا اُت آيو هو ۽ چيائين ته هن نديءَ جو مالڪ به هو آهي. ان کي ڪوبه هٿ ڪونه لڳائيندو.“ ٻڌي هاٿي غصي ۾ ڀرجي اٿ وٺ ويو. ٻئي وڙهيا ۽ زخمي ٿي اُتان ڀڄي ويا. هو وري ڪونه موٽيا. هاڻي ٻنهي ندين جو پاڻي سڀني ساهوارن کي ملڻ لڳو.

پاڻيءَ مٿان سڀ جو حق آهي.

نانيءَ جي سمجهه

گهاٽي ٻن ۾ نديءَ ڪناري هڪ سهو رهندو هو. هڪ سال برسات نہ تيڻ ڪري نديون، نالا، کوهہ سڪي ويا پر سهي واري ندي ڪونہ سُڪي. اها وهندي رهي. پاڻيءَ جي تلاش ۾ هڪ هاٿي اتي اچي نڪتو. وهندڙ نديءَ پهرين پيٽ ڀري پاڻي پيتو ۽ اندر ٽپي شنان ڪندي سهي کي چيائين، ”هيءَ نديءَ منهنجي آهي مان ۽ منهنجي ڪٽنب وارا هتي رهندا. تون نديءَ جي ديک ڀال ڪج تہ جيئن ڪو ٻيو پکي پشو هتي پاڻي پيئڻ نہ اچي.“ پهرين تہ ايڏي وڏي هاٿيءَ کي ڏسي سهو ٻڇي ويو پر پوءِ همت ڪري هاٿيءَ کي چيائين، ”هاٿي دادا! منهنجو هڪ شرط آهي، تون منهنجي پوڄڻ جو بندوبست ڪر تہ مان نديءَ جي سنڀال ڪندس.“ هاٿيءَ اها ڳالهہ مڃي. ننڍا ننڍا پکي ۽ جانور جڏهن نديءَ تان پاڻي پيئڻ ايندا هئا تہ سهو انهن کي اهو چئي ڀڄائي ڇڏيندو هو تہ هيءَ ندي هاٿي دادا جي آهي. هو توهان کي ماري ڇڏيندو. ويچارا اهي جانور ۽ پکي ٻڇي هليا ويندا هئا.

اها ڳالهہ ڏيري سهي جي نانيءَ جي ڪن تي پهتي. هنکي دکہ تيو. هڪ ڏينهن هوءَ سهي وٽ اچي پهتي. هنکي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي. نديءَ مان پيٽ ڀري پاڻي پي ڪري ڏوهٽي کي چيائين، ”رستي ۾ جو نديءَ مان پاڻي جي اُڃ مٽائڻ لاءِ وِيَم مس تہ هڪ باندر روڪيو ۽ چيو تہ هيءَ اٺ جي ندي آهي. پاڻي ڪونہ پي سگهنديءَ.“ برسات نہ هئڻ ڪري طاقتور جانورن نديءَ تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي.“

هال ۾ ٿيو هو. سئنيما ۾ سيني ڪرمچارين کان دريافت ڪئي وئي. ٿرڊ ڪلاس جي گيٽ ڪيپر ٻڌايو ته هڪ ڇوڪرو اندر ايندي ئي واڪا ڪري چيو هو ”هلائي ڇڏي مارڪيٽ ۾ هلائي ڇڏي.“ گيٽ ڪيپر ان ڇوڪري کي سڃاڻندو هو. هو اڪثر فلمون ڏسڻ ايندو هو.

پوليس ان ڇوڪري کان پڇا ڪئي. ڇوڪري چيو، ”ها مون برابر چيو هو، ”هلائي ڇڏي مارڪيٽ ۾ هلائي ڇڏي.“ مونکي به تعجب لڳو هو ته منهنجي چوڻ تي ماڻهو ڇو ڊڄن. مان به دوست سان گڏ گهر پهچي آيس ۽ مونکي به گهر ٻڌايو ويو ته شهر ۾ جهڳڙو ٿيو آهي. ٻاهر نه وڃ.

پوليس آفيسر پڇيس، ”پر تون چيو ڇو ته هلائي ڇڏي مارڪيٽ ۾ هلائي ڇڏي.

ڇوڪري ٻڌايو، ”مون وٽ هڪ کوٽي چواني هئي. اها ڪو وٺي ڪونه پيو. مون کي فلم ڏسڻي هئي. مون مارڪيٽ ۾ هڪ دوڪان وارن کان هڪ ٽڪي جا پڳڙا ورتا. دوڪاندار ساڍا ٽي آنا ڏنا ۽ پڳڙا به ڏنا. مان ڏاڍو خوش ٿيس - هڪ آني جي ٽڪيٽ وٺي هال ۾ آيس ۽ خوشيءَ وچان واڪو ڪري دوست کي ٻڌايو ته مان کوٽي چواني هلائي ڇڏي. ڇئي ڪري اڍائي آنا پوليس آفيسر کي ڏيکاريا. ٻڌي سڀ کلڻ لڳا.

افواه تي وشواس نه ڪجي.

هلائي ڇڏي

هي ڪٿا ان وقت جي آهي جڏهن گونگيون فلمون ڏيکاريون ويندديون هيون ۽ انگريزيءَ راڄ جي خلافت ۾ ديش ۾ هلچل بہ ٿينديون رهنديون هيون.

سنڌ پرانت ۾ هڪ شهر جي سئنيما هال ۾ هڪ ڇوڪرو ٿرڊ ڪلاس جي گيٽ ڪيپر کي ٽڪيٽ ڏيکاري ان جو اڌ حصو وٺي، هال ۾ گهرندي ئي واڪا ڪندي پنهنجي دوست کي چيو، ”هلائي ڇڏي. مارڪيٽ ۾ هلائي ڇڏي.“

ڇاڪاڻ تہ فلم گونگي هئي. هال ۾ ويٺل چپ چاپ فلم ڏسي رهيا هئا. اوچتو هنن جڏهن ٻڌو، ”هلائي ڇڏي، مارڪيٽ ۾ هلائي ڇڏي.“ تہ هنن سمجهو تہ مارڪيٽ ۾ ڪا مارڪٽ ٿي آهي. ڪنهن تلوار هلائي ڪنهن کي اڦٽ ماري وڌو آهي يا ڪنهن بندوق هلائي ڪنهن کي گوليءَ سان ماري ڇڏيو آهي.

هال ۾ هراس پئدا ٿيو ماڻهو ٻاهر نڪري وٺي پنهنجن پنهنجن گهرن طرف ڀڳا - رستن تي بہ جلد خبر پئجي وئي تہ گولي يا تلوار سان ڪنهن جو خون ٿي ويو آهي. ڪليل دوڪان بند ٿيندا ويا - هڪ ڪلاڪ اندر سڄو شهر بند ٿي ويو. پوليس اچي وئي - پڇ پڇان ۾ ڪنهن ڪجهہ چيو تہ ڪنهن ڪجهہ.

سئينما هال بہ بند ڪيو ويو. پوليس جي گشت چالو ٿي ويو. شهر ۾ جاچ ڪئي وئي - سيئي افواه جي ڪري ڀڳا هئا - ڪٿي بہ ڪو جهڳڙو فساد ڪونہ ٿيو هو.

ڊيري ڊيري پوليس کي خبر پئي تہ اهو افواه سئنيما

لوڀ ئي لوڀ

آڳاٽي وقت جي ڳالهه آهي. سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ غريب رهندو هو. هو ايترو غريب هو جو ڏينهن ۾ ڪمائيندو هو ته رات لاءِ سوچيندو هو ته ڇا کائي. ڳوٺاڻا به ايترا ڏنوان ڪونه هئا جو هنجو سڄي عمر پالڻ پوچڻ ڪن. هڪ ڏينهن ڪنهن اچي غريب کي ٻڌايو ته هتان پنج ڪوهه پري هڪ ساڌو غريبن ۽ فقيرن کي چانديءَ جا سڪا دان ڪندو آهي. غريب ٻڌي خوش ٿيو. هو ان وقت ئي اوڏانهن روانو ٿيو. جڏهن هو پهتو ته ڏٺائين ته ساڌوءَ دان ڪري پورو ڪيو آهي. هو ڊڪندو ساڌوءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ روئندو روئندو چوندو رهيو ته، ”مان غريب آهيان - توهان مونکي به سڪا ڏيو. ساڌوءَ هنکي اٿاري چيو، ”پٽ! گهر جيڪي توکي کپيئي. گهڻا سڪا توکي کپن. غريب هنکان ٻه سڪا گهريا. ساڌوءَ دِلي مان ٻه سڪا ڪڍي غريب کي ڏنا.

غريب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻن سڪن مان روٽيون وٺي کائي پيٽ ڀريائين ۽ اتي هڪ وڻ هيٺان سمهي پيو. هن کي ننڊ اچي وئي. جڏهن جاڳيو ته سوچيائين ته ڇو نه مان ساڌوءَ جو چيلو ٿي هن سان گڏ رهان.

غريب ساڌوءَ وٽ وڃي پنهنجي اڇا ٻڌايس. ساڌوءَ هڪدم ها ڪيس. هاڻي هو ٻئي گڏ ڪٽيا ۾ رهندا هئا. ساڌو روز منڪي مان چانديءَ جا سڪا ڪڍي غريب غريبن ۾ ورهائيندو هو. غريبن جي مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن جي من ۾ مندي پيدا ٿي پر چيائين ڪجهه ڪونه. سال ٻن کانپوءِ هڪ دفعي ساڌوءَ غريب مٿان خوش ٿي چيس، ”پٽ تو گهڻي

ڏنوان جو ڏن

سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ شاهوڪار رهندو هو - هن کي ابن ڏاڏن جي دولت تہ هئي ۽ پاڻ بہ واپار ۾ گهڻو ڌن ڪمايو هو. گهر ۾ چانديءَ جا برتن ۽ گهر واريءَ لاءِ سون ۾ هيرن جڙيل زيور ٺهرايا هئائين. وڏي عمارت محل مثل اوطاقون هئس - سندس ٻار بہ لاڪاڻا ۽ حڪم بردار هئس - آس پاس جي ڳوٺن ۾ هنجي هاڪ هئي.

هڪ سال پنهنجي شاديءَ جي سالگرهہ تي پاڻ ۽ پنهنجي زال کي سون ۾ تورائي، سڄو سون غريب غربن ۾ ورهايائين. سڀ هن جي ساراهہ ڪرڻ لڳا. ڳوٺ جي ٻاهران هڪ جهوپڙي ۾ هڪ مهينو اڳ هڪ سنت اچي رهيو هو. ڳوٺاڻا جيڪي پريم سان ڏيندا هئس هو کائي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو هو ۽ وقتي ڪتا وارتا ڪري هنن ۾ سنسڪار وجهندو هو.

شاهوڪار ان سنت وٽ بہ ڪافي سون کڻي آيو - پر سنت سون طرف نهاريو بہ ڪونہ - شاهوڪار وڏيڪ سون ڏيڻ جي آڇ ڪيس - ڪافي دير ڪانپوءِ سنت چيس، ”سيٺ صاحب ! ڏيڻو اٿو تہ هن تلسيءَ جي پن جيترو سون توري ڏيو.“ سنت پرسان ڪنڊيءَ ۾ پوکيل تلسي جي ٻوٽي مان هڪ پن پٽي ان مٿان ’رام‘ نالو لکي شاهوڪار کي ڏنو.

شاهوڪار مشڪي تارازي گهرائي. هڪ پُڙ ۾ رام لکيل پن ۽ ٻي پُڙ ۾ سون جو ذرو وجهي ڏسڻ لڳو پر اهو ڏسي ان کي اچرج لڳو تہ پن وارو پُڙ مٿي چريو ئي ڪونہ. آنڌل سون بہ وڌائين پر پن وارو پر اتي ئي بيٺل هو. شاهوڪار کي پنهنجي ڀل محسوس ٿي. هو سنت جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي اهنڪار ڪري معافي گهري. سنت چيس، ”ڌن مغروري پئدا ڪندو آهي. ايشور توهان کي ڌنوان ناهيو آهي تہ هن جي مهر مٿي ڌن مٿان غرور نہ ڪونہ ڪيو.

رام جو نالو سڀ کان وڏو

هرڻ ۽ هرڻي

هڪ راجا جي راجائي جي چئني طرفن گهاٽا جهنگل هئا. ان وچ ۾ نديون نالا ۽ جهرڻا ٻارهان مهينا وهندا رهندا هئا. سڄي راجائيءَ ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هئي. جهنگل ۾ ڪيترن قسمن جا پشوُ رهندا هئا. جن کي ضرورت موجب کاڌو ۽ پاڻي ملندو هو. پرجا کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ۽ در دروازن ۽ ٻين شين لاءِ ڪافي ڪاٺ ملندو هو. جهنگلي ميوا ۽ جڙيون ٻوٽيون جي ڪاڻ گهٽتائي ڪانه هئي. راجا پرجا پالڪ هو ۽ پرجا هنجي راڄ ۾ سکي ستابي هئي.

راجا جي پٽ جو جنم ڏينهن وڏو ڏڻ ڪري ملهايو ويندو هو. سڄي پرجا کي ڪوٺ ملندي هئي. هو ان ڏينهن پنهنجي گهرن ۾ چلهه ڪونه ٻاريندا هئا. سڀئي راجا جا مهمان ٿي ويندا هئا.

الائي ڇو راجڪمار کي ان ڏينهن تي هڪ دفعي مجلس ۾ هرڻ جي مانس کائڻ جي اڇا ٿي. هن ٻنان راجا جي آگيا سان جهنگل مان ٻه هرڻ پڪڙايا ۽ ان ۾ هڪ هرڻ هو ۽ ٻي هرڻي هئي. هرڻ ۽ هرڻي کي خبر پئجي وئي ته هنن کي ماري مجلس ۾ گوشت ورهائيندا ۽ پرجا کي به کارائيندا. هرڻ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هرڻيءَ ڪاسائيءَ کي چيو، ”اسان کي کهڻ کان اڳ اسين راجا سان ملڻ ٿا چاهيون.“ ڪاسائي ٻنهي کي راجا وٽ وٺي آيو. ان وچ ۾ راجا کي سوچنا ملي وئي هئي ته هن دفعي راجڪمار جي جنم ڏينهن تي هرڻ جو گوشت پچايو ويندو. راجا ان تي ڪو خاص ڌيان ڪونه ڏنو. پر جڏهن هرڻ هن جي اڳيان آندا ويا تڏهن هن ڪجهه

وقت کان منهنجي شيوا ڪئي آهي. گهر جيڪي ڪپيئي.‘‘
غريب جي اچا پوري ٿيڻ واري هئي. هن نمرتا سان ساڌوءَ کي چيو تہ ’’توهان هيءُ دِلو مونکي ڏيو.‘‘ ساڌوءَ کي عجب لڳو. چيائينس، ’’اهو دلو مان ٻئي کي ڪونہ ڏئي سگهندس. توکي جيترا سڪا کپن ڪٺي وڃ ۽ پنهنجو واپار شروع ڪر.‘‘
غريب نراس ٿي چيس تہ، ’’ڪا ڳالهہ ڪانہ آهي. مان توهان جي شيوا ڪندو رهندس.‘‘
اهڙي طرح وقت گذرندو هيو. پر غريب جي من ۾ جنهن ڪُٻُڌي جنم ورتو هو اها مئي ڪانہ اجان وڌي ٿيندي وئي. هڪ رات حد ٿي وئي. هو رات جو اٿيو ۽ جنهن کٽ تي ساڌو سمهندو هو اتي ويو. ڏٺائين تہ ساڌو سَوَڙ مٿان وجهي گهري ننڊ ۾ سمهي پيو آهي. هن هڪدم پاڻ سان آندل لٺ ساڌو مٿان هنئي - سوڙ هيٺان ساڌو پاڻ ڪونہ پر دِلو هو. لٺ جي چوٽ سان مٽڪو ڀڄي پيو. غريب ڏٺو تہ ساڌو پرسان بيٺو آهي.
ساڌوءَ غريب کي چيو، ’’مان ان ڏينهن ئي سمجهي ويو هوس جڏهن تو مٽڪو گهريو هو تہ تون ڪنهن بہ بري ڪم ڪرڻ ۾ ڪونہ هٻڪندين ۽ اهو مٽڪو هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين. هاڻي تون بروقت ڪٽيا کان ٻاهر نڪري وڃ. هڪ پل بہ هتي ڪونہ رهندين.‘‘
غريب کي گهڻو شرم آيو ۽ پڇتائيندو ڪٽيا کان ٻاهر نڪري ويو. وري اڳ وانگر غريب ۽ بکاري ٿي وقت گذارڻ لڳو.

لوڀ لالچ انسان کي ٻوڙي ٿي.

سبق

هڪ شهر ۾ هڪ وياج خور رهندو هو. هو غريبن کان ناجائز وياج وٺندو هو. هڪ دفعو ڪنهن کي هن اوڌر ڏني ته سڄي عمر پيو هن کي ڏهندو ۽ مول رقم کان تمام وڌيڪ وياج وٺندو رهندو هو. غريب مجبوريءَ ڪري هن کان اوڌر وٺندا هئا ۽ هو ان جو اجوڳ فائدو وٺندو هو.

هڪ دفعي هڪ غريب هن کان سؤ روپيه اوڌر ورتا ۽ هر مهيني وياج سان گڏ ڪجهه مول جا روپيه به موٽائڻ جو واعدو ڪيو.

چار مهينا سانده هن وياج خور کي ڏهه ڏهه روپيه مول لاءِ وياج ڏنا پوءِ هن ڪجهه به ڪونه موٽايو. وياج خور تقاضا ڪندو هو ته هو اڄ، سڀاڻ چئي هن کي موٽائي ڇڏيندو هو. ائين هڪ به سال گذري ويا.

جڏهن به ڪٿي ٻئي ملندا هئا. وياج خور پئسن جي گهر ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن وياج خور کي چيو، ”سڀاڻي سوير پنهنجي وهي کڻي گهر اچي ته هو هن جو حساب سڀ چڪتو ڪندو - وياج خور خوش ٿي ويو.

وياج خور جڏهن غريب جي گهر پهتو تڏهن هن ڏنو ته ڳَن جو انتظار پئي ڪيو. ٻئي ڪمري ۾ آيا - وياج خور پنهنجي وهي ڏيکاري چيس ته هڪ سؤ تو ورتا آهن.

غريب چيس، (جوڙ ڪندي) ”سَوَ جا سٺ، چار مهينا ڏهه ڏهه ڪري ڏنا. ان مان اڌ ويو پڇي، وياج ۾ ڏنو. باقي ڏهه

سمجھيو پر وري ڪو ڏيان ڪونہ ڏنائين. هن هرڻ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏنا - راجا هرڻيءَ کان پڇيو، ”تون روئي ڇو ٿي؟“ ”مهاراج ! راجڪمار جي جنم ڏينهن تي خوشيون ملهايون وينديون آهن. پرجا ڏاڍي خوش هوندي آهي. ڇا هرڻ توهان جي پرجا ڪانہ آهي؟ راجا تہ پرجا پالڪ ٿيندو آهي. ڇا پنهنجي نجي سوارٿ ڪري پنهنجي پرجا جي جان ٿو وٺي سگهي. اسان جي ماس کي کائي سڄي پرجا خوش ٿيندي.“ راجا وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو. هنکي پنهنجي ۽ راجڪمار جي غلطي قبول ڪرڻي پئي ۽ ٻنهي هرڻ ۽ هرڻيءَ کي واپس جهنگل ۾ موڪلي ڇڏيو.

پشوادي راجا پنهنجي پرجا ۽ راڄ جي سيني ساهوارن کي خوش ڏسندو آهي.

راجائن جو راجا ڀڳوان

آنڌر پرديش ۾ هڪ سنت ڪوي پرماتما جي ڀڳتي ڪندو هو روز صبح شام مندر وڃي ڀڳوان جو درشن ڪري آرتي ڪندو هو. سدا خوش رهندو هو. ڪيتي ڪندي جيڪو ڪجهه ملندو هوس ان مان سنتوش ڪندي پنهنجي پريوار جي پالنا ڪندو هو. هن ڪي اينتري ترپتي هئي جو هن ڪڏهن ايشور کان به ڪجهه نه گهريو.

هو گهڻو پڙهيل ڪونه هو. پر سنسڪرت ۾ ٿورو ڄاڻو هو. هو ڌرمي ڪتاب، رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت ۽ گيتا پيو پڙهندو هو. پڙهندي هنجو ڀاشا گيان وڌندو ويو. ڪوي ته هو. وقتي پنهنجي رچيل شِلوڪ به مندر ۾ تيل ستسنگ ۾ ٻڌائيندو هو. سيئي هنکي سنت ڪوي سڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن هن کي ويچار آيو ته ڇو نه ڀاڳوت پراڻ جو ترجمو تيلگو ڀاشا ۾ ٿئي جيئن عام انسان به پڙهي ديو گيان حاصل ڪري. ڌيري ڌيري هن ڀاڳوت گرنٿ جو ڪوتائن ۾ تيلگو ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو.

هن ڪجهه ودوان دوستن کي تيلگو ۾ لکيل ڀاڳوت ڏيکاريو هو پڙهي گهڻا خوش ٿيا ۽ هن کي صلاح ڏني ته اهو گرنٿ راجا جي نالي ارپڻ ڪري ته گرنٿ جو پرچار ٿيندو عام آدمي پڙهندا ۽ راجا خوش ٿي هن کي ڌن ڏئي مالا مال ڪندو.

ٻڌي سنت کي ٺيڪ نه لڳو - جواب ٽاريندي هن دوستن کي چيو،'' ته ان ڳالهه تي سوچيندس.''

سنت چنتن ڪري فيصلو ڪيو ته ''ايشور کان وڏو ڪوبه

ڏهه ڏيندس. ڏهه ڏياراڻيندس ۽ باقي ڏيڍ وٺڻ کهڙو؟''
چئي کيسي مان ڏهه روپيه ڪڍي وياج خور کي ڏنا. هو
سمجهي ويو. هن وهي ۾ لکي ڇڏيو. ''روپيه سڀ ملي ويا.''
وياج خور شڪل مسڪراهٽ ۾ چيو، ''غريب چيس، سيٺ
هاڻي حساب چڪتو، ڪجهه مناڻي ڪارائي. ايترو خوش وري
ڪڏهن ٿيندي. سيٺ مليل ڏهه روپيه ڪڍي مناڻيءَ لاءِ ڏنا.

جهڙي سان تهڙو.

سُئي ۽ ڏاڱو

باغ ۾ مالهيءَ گلن کي سئي سان ڏاڱي ۾ پوئي مالا ناهي سئي پنهنجي پيٽ ۾ پوئتان تنبي ڇڏي. اهو ڏسي سُئيءَ کي ڏک ٿيو. ڇو جو هن کي ڪجهه به ڪونه مليو. ويتر پيٽ جي پوئتان ٽنبي وئي.

هن ڏاڱي کي چيو، ”گلن جو شڪار مون ڪيو انهن مٿان منهنجو حق آهي پر سڀ گل تو وٽ ٻڌل آهن.“ ان تي ڏاڱي جواب ڏنس، ”تو گهمنڊ ۾ گلن کي ٽنگ پئي ڪيا ۽ مون نرم ٿي سيئي سندر گل پاڻ وٽ گڏ ڪيا آهن. جي تون به گهمنڊ ڇڏي ڏين ته تنهنجي به عزت ٿئي.“

ان ڏينهن کان وٺي سئي گهمنڊ ڇڏي ڏنو ۽ مالهيءَ سُئيءَ کي پيٽ جي مٿين حصي ۾ لڳائڻ شروع ڪيو.

ٻئي ڏينهن ڏاڱي سُئيءَ کي چيو - تو گهمنڊ ڇڏي ڏنو ته مالهي توکي پنهنجي سِرَ مٿان وهاري ڇڏيو آهي.

گهمنڊ زوالت جو باعث آهي

انسان ڪونہ آهي. پرماتما جڳت جو مالڪ آهي هو راجائن جو راجا آهي.

هن گرنٿ جي پهرين صفح تي لکيو، ”هيءُ گرنٿ ڀڳوان جي رچنا ڀڳوان جي نالي ارپڻ ڪيان ٿو.“

پنهنجي دوستن کي ٻڌايائين، ”مان ڀڳوان کي پرارٿنا ڪندي ٻہ ڪجھ ڪونہ گهريو تہ ڀڳوان جي واڪاڻ گرنٿ ۾ لکڻ جي بدلي، انسان کان ڪجھ گهرندي مونکي ٺيڪ نٿو لڳي.

ڀڳوان جي رچنا ڀڳوان کي ارپڻ.

ڪونہ سمجهيو - ۽ بنان ڪجهہ چوڻ جي واپس محل طرف هليو ويو.

ٻئي ڏينهن دربار ۾ درٻارين کان انهن ٽنهي جملن جي معنيٰ پڇي. پر ڪنهن بہ درٻاريءَ صحيح ارٿ ڪونہ ٻڌايو. بادشاهہ بيربل جو انتظار ڪيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ بيربل فارس ملڪ کان واپس وريو ۽ بادشاهہ سلامت کي سربستو احوال ٻڌايو تہ ڪيئن فارس بادشاهہ، اڪبر بادشاهہ کي شان شوڪت، امن ۽ شانتي جي شدت سان وڏائي ڪئي.

جڏهن بيربل پنهنجي جڳهہ تي وينو تہ بادشاهہ انهن ٽنهي جملن جو مطلب پڇيو.

بيربل مشڪندي ٻڌايو، ”بادشاهہ سلامت! پهريون جملو ’هو آيا‘ جو مطلب آهي ’ڏٺا آيا‘ ٻئي جملي ’هو ڪونہ آهن‘ جو مطلب تہ هنن کي سڱ ڪونہ آهن ۽ ٽين جملي ’هو ٽيندا آهن‘ جو ارٿ تہ ڪنهن ڏٺي کي سڱ ٽين تہ ڪن کي ڪونہ بہ ٽين.

ان سڄي گفتگو جي معنيٰ تہ ڪي انسان بنان ڪوٺ جي ٻئي جي گهر ويندا آهن. ڏٺن کي سڱ ٽين تا ۽ نہ بہ ٽين پر تہ بہ هو ڏٺن وانگر ٻين جي گهرن ۾ هليا ايندا آهن.

هاڻي بادشاهہ سمجهي ويو تہ بيربل جي ڀاتين اشارن ۾ سمجهايو تہ گهر ۾ جيڪڏهن وڏو پرش ڪونہ آهي تہ بنان اجازت جي گهر ۾ وڃڻ نہ گهرجي.

بنا ڪوٺ جي، ڪنهن ٻئي جي گهر وڃڻ سان
عزت ڪانہ ملندي آهي.

مان ’نہ مان‘، مان تنھنجو مھمان

اڪبر ۽ بيربل جا قصا توهان گھڻيئي ٻڌا هوندا. بيربل اڪبر بادشاھ جي درٻار ۾ نَوَ رتنن مان هڪ هو. هو نہ فقط حاضر جوابي هو پر عقلمند بہ هو. هن جا چرچا بہ سڪيا پريل هوندا هئا. ڪڏهن بيربل ڪنهن ڪارڻ درٻار ڪونہ ايندو هو تہ اڪبر بادشاه کي مونجھہ لڳندي هئي ۽ هو پاڻ کي هردم اڪيلو محسوس ڪندو هو.

هڪ دفعي فارس ديش جي بادشاھ عقلمند بيربل کي پنهنجي ديس اچڻ جي نينڊ ڏني. اڪبر بادشاھ کي فخر محسوس ٿيو جو هن جي درٻار جي هڪ وزير کي فارس ملڪ جي بادشاھ مان ڏنو هو. هن خوشيءَ سان بيربل کي وڃڻ جي اجازت ڏني. پر گڏوگڏ پاڻ کي اڪيلو بہ محسوس ڪيو.

هڪ رات جو اڪبر بادشاھ چمڙا پوش ڪري (ٻي ويس ۾) شهر ۾ جاچ ڪرڻ نڪتو تہ ڪنهن انسان کي ڪو ڪشٽ تہ ڪونهي. گهمندي گهمندي هو بيربل جي گھر پرسان آيو تہ اوچتو هن کي بيربل جي ٻاتين جي عقلمندي ۽ حاضر جوابي جي جاچ ڪرڻ جو ويچار آيو - هو بنان پڇي بيربل جي گھر اندر ويو.

گھر ۾ ٽي ٻاتي - پتني، ڌيءُ ۽ پٽ وينا هئا. پٽ جڏهن بادشاھ کي ڏٺو تہ پنهنجي ماءُ کي چيائين، ”هو آيا.“ اهو ٻڌي ڌيءُ ماءُ کي چيو، ”هو تہ ڪونہ آهن.“ تڏهن بيربل جي زال چيو، ”هو ٿيندا آهن ۽ نہ بہ ٿيندا آهن.“

بادشاھ ٻڌي شڪي ٿي ويو. هن انهن جملن جو مطلب

مڇي پنهنجي چار ۾ قاتل ڏني - هن مڇيءَ کي وڍيو تہ پيٽ مان اهو سونو وٽ ڏٺائين، هن ان کي وٽ سمجهيو ۽ وٽ تي واپاريءَ سيٺ جو نالو ڏسي، هن کي اچي ڏنو.

واپاريءَ کي پڪ ٿي تہ سچ ۽ ايمانداريءَ جي ڪمائي ڪيڏانهن ڪانہ ويندي. ان ڏينهن کان هن ايمانداريءَ سان واپار ڪرڻ شروع ڪيو.

ايمانداريءَ پريو واپار سدائين وڌندو رهندو آهي.

ايمانداري سڀ کان اُتم وهنوار

يونان ديش جي ڪٿا آهي. هڪ شهر ۾ هڪ واپاري رهندو هو. هو لوڀي تہ هو پر بي ايمان بہ هو. هو سچو واپار بي ايمانداريءَ سان ڪندو هو. ٻين کي ٺڳيندو بہ هو. هنجي پتني اهو ڏسي دکي ٿيندي هئي ۽ پنهنجي گهوٽ کي سمجهائيندي هئي تہ بي ايمان ٿي ڪمائيندڙ انسان ڪڏهن بہ سکي ڪونہ رهندو آهي. هنجو اهڙو ڏن بيماري ۽ وڏي نقصان ٿيڻ ۾ برباد ٿي ويندو آهي. ڪڏهن هنجون شيون پتيون ۽ پراڻيون ٿي ونديون هيون ڪڏهن چور اچي هنجي گهر مان چوري ڪندا هئا. اهڙي طرح هنجو ڏن پچندو ڪونہ هو ۽ هو هميشه پاڻ کي اياڳو سمجهندو هو. پتني چوندي هئس تہ تون ايمانداريءَ سان ڪمائي ڏس تہ ڪيئن اسان وٽ ڏن بچي ٿو هڪ دفعو آزمائي ڏس.

سچ پچ هن هڪ دفعو ٻاهر وڃي مزدوري ڪري ڪجهہ ڏن ڪمايو. محنت جو پئسو هوس. هن ان مان هڪ سونو وٽ ٺهرايو ۽ پنهنجي نالي جي ڇاپ هٽي ڪپڙي ۾ ويڙهي شهر جي چؤواٽي تي رکي ڇڏيو. ۽ پاڻ هڪ جڳهہ تان ڏسڻ لڳو. سڄو ڏينهن ايندڙ ويندڙ ماڻهو ان کي نوڪر هٽي هيڏي هوڏي ڪندا رهيا ۽ ٻي ڏينهن اهو ڪٽي تلاءَ ۾ ڦٽو ڪيو. ان کي وڏي مڇيءَ ڳرڪائي ڇڏيوءَ. هڪ ڏينهن هڪ مهاڻي اها

ڏيارڻو پوندو هو تہ تون آهين. اهو سمجهي منهنجي چنتا هلي ويندي هئي.''

ششن ان جو مطلب سمجهي ڇڏيو تہ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ڌيان ڪرڻ وقت ڪوبہ ٻيو خيال ڪونہ اچي جنهن ڪري ڌيان پنگ تي وڃي - هاڻي سنت ڪي پورو گيان حاصل ٿي چڪو آهي.

بنا چنتا ڌيان، گيان مارگ آهي.

ڌيان ۽ گيان

ڄاپان ديش ۾ هڪ سنت پنهنجن ششن سان گڏ شهر کان ٻاهر هڪ آشرم ۾ رهندو هو. پرماتما کي پائڻ نسبت پاڻ ۾ گيان جون ڳالهيون ڪندا هئا. پر جڏهن سنت کي خيال ايندو هو ته هو پرسان وجي هڪ انڌيري غفا ۾ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ڌيان ڪندو هو. ڌيان ڪندي وقتي هو پنهنجي نالو وڏي واڪي پڪاري چوندو هو. ان وقت ئي هو جواب به ڏيندو هو ”ها مان هتي آهيان.“ شش سمجهي ڪونه سگهيا ته سنت پاڻ ئي پاڻ کي پڪاري ٿو ۽ پاڻ ئي جواب به ڏي ٿو - هڪ ڏينهن هنن سنت کان ان جو ڪارڻ پڇيو. سنت جواب ڏنو ”ڌيان ڪندي جڏهن گيان کان پري ٿي ويندو آهيان ۽ ڪجهه سمجهڻ ۾ نه ايندو آهي تڏهن زور سان پاڻ کي غفلت کان سجاڳ ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي پڪاريندو آهيان ۽ خود ئي جواب به ڏيندو آهيان.

ڏينهن ڪانپوءِ مهينا ۽ پوءِ ورهيه گذري ويا. ڏيري ڏيري سنت پاڻ کي پڪارڻ بند ڪري ڇڏيو. وري شش پڇيو، ”مهاتما هاڻي توهان پنهنجو نالو نٿا پڪاريو، ڇو ؟“

سنت ٻڌايو، ”هاڻي ان جي ضرورت ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته مان هاڻي غفلت ڪانه ڪندو آهيان مان پاڻ ۾ ئي موجود هوندو آهيان. اڳ جڏهن مان ڌيان ۾ ويندو هوس ته چنتا مونکي پريشان ڪندي هئي. ان ڪري مونکي پاڻ کي ياد

مقصد پورو ڪونہ ٿيندو.

”تہ ڇا ڪريون؟“

”توهان پنهنجو گهر ڀاڙ جي ٻئي پاسي وڃي ناهيو جتان توهان جا مٽ مائٽ اچن ٿا. لائوتيو اپاءُ ٻڌايو.

سيئي خوش ٿيا.

هميشه ڪنهن بہ ڪنائيءَ جو سولو اپاءُ ڳولهجي جيئن جلد ڪنائي دور ٿي وڃي.

تڪليف گهٽائڻ لاءِ سؤلو اپاءُ ڳولهجي.

سؤلو اُپاءُ

چين جي ڳالھہ آهي. تائي نالي اسي ورهين جو ٻڍو پنهنجي ڪٽنب قبيلي سان هڪ پهاڙي جي ترائيءَ ۾ رهندو هو. پهاڙ تمام اوچو هو. مٽ مائٽ ايندا هئا تہ هو پهاڙ جو لنبو گهيرو گهمي ايندا هئا. هڪ ڏينهن تائيءَ کي ويچار آيو تہ ڇو نہ پهاڙ جي چوٽي کوٽي پهاڙ کي ننڍو ڪجي. هن گهر ۾ ڳالھہ ڪئي. هنجي زال نہ ڪئي پر باقي ٻيا سيئي هن جي راءِ سان شامل ٿيا. زال چيس تہ جيڪي پٿر ۽ مٽي نڪرندي اُهي ڪٿي رکبا. پر تائيءَ زال جي ڳالھہ تي ڌيان ڪونہ ڪيو.

ٻئي ڏينهن تائي پٽن ۽ پوٽن سان گڏ کوٽڻ جا اوزار کڻي پهاڙ جي چوٽيءَ تي ويو ۽ صبح کان شام تائين پهاڙ جي چوٽي کوٽيندا رهيا. گرميءَ جي موسم گذري وئي. سرديءَ جي موسم آئي. پهاڙ تي برف وسڻ لڳي. پر هنن کوٽڻ ڪونہ بند ڪيو. ٽئن مهينن ۾ چوٽيءَ جو ٿورو حصو ئي کوٽي سگهيا. هڪ ڏينهن لائوتيو نالي سمجهدار ماڻهو اتان لانگهائو ٿيو - هن تائيءَ کان پڇيو، ”هي ڇو ٿا کوٽ کوٽان ڪيو؟“

”پهاڙ کي ننڍو ٿا ڪريون جيئن ملڻ جلڻ وارا جلد ۽ سهوليت سان اچي سگهن. تائيءَ جواب ڏنو.

اهڙيءَ طرح تہ عمر گذري ويندوَ تڏهن بہ توهان جو

سرڳ ۽ راهگير

هي ۽ ڪٿا ان وقت جي آهي جڏهن عيسيٰ مسيح هڪ ڳوٺ ۾ آيو ۽ ماڻهن کي اپديش ڏيڻ لڳو. هو هميشه اهنسا جو پاٺ پڙهائيندو هو. ڏيري ڏيري اهو مشهور ٿي ويو ته سنت عيسيٰ وٽ ماڻهن کي سڌو سرڳ موڪلڻ جي ڪلا آهي.

هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو سنت وٽ آيو. هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته ڀڳوان مون کي سرڳ وڃڻ جي اڇا آهي. ٻڌو اٿم توهان سرڳ جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.

سنت ان جگياسوءَ کي حليمائيءَ سان ڏٺو، ٿوري ڪڻ ڪانپوءِ چيائينس، ”تون سرڳ وڃڻ ٿو چاهين؟“

”ها، مهاتما.“

”سچ تون سرڳ ٿو وڃڻ چاهين؟“ سنت وري پڇيس.

”ها ديوتا.“

”وري وري سوچي ٻڌاءِ.“

”ها، ڀڳوان، مان سوچي سمجهي آيو آهيان ۽ سرڳ وڃڻ ٿو چاهيان.“ جگياسو نمرتا سان چيو.

”چڱو ! تون هينئر ئي گهر وڃ ۽ جتي تنهنجو ڌن رکيو آهي ان جون چابيون ڪڍي اچي مونکي ڏي.“

”مان اهو ڪونه ڪندس، چابيون توهان کي ڪونه ڏيندس.“ جگياسو انڪار ڪيو.

”ته گهر موٽي وڃ تنهنجي لاءِ سرڳ وڃڻ لاءِ دروازا بند آهن. لوڀي لالچي انسان لاءِ سرڳ وڃڻ محال آهي. تو ۾ اهڙا گڻ ئي ڪونه آهن ۽ تون سرڳ وڃي سگهين. سرڳ ۾ تنهنجي جڳهه ڪانه آهي. اٺ سئيءَ جي ٽنگ مان ٻاهر اچي سگهي ٿو پر تو جهڙا ڌن جا لوڀي سرڳ ڪونه وڃي سگهندا.“

منش لوڀ سان سرڳ کي نرڪ ۾ ٿو بدلي ڇڏي.

لوڀي انسان سرڳ جو اڌڪاري ڪونهي.

مٺا ٻول

ڪٿا پراڻي آهي. پر اڄ بہ جيون جيئڻ جي ڪلا تي سيڪاري. هڪ شهر ۾ ٻہ دوڪان پرسان هئا. ٻئي ماکيءَ جو واپار ڪندا هئا. هڪ دوڪان هڪ عورت هلائيندي هئي. هن جو وهنوار گراهڪن سان ڏاڍو سٺو هوندو هو. ماکي وانگر هو هنن سان مٺو ڳالهائيندي هئي. جي ڪو گراهڪ واپس هليو ويندو هو تہ هنکي بہ پريم پريا شبد چئي الوداع ڪندي هئي. پر گهڻو ڪري هنجو دوڪان صبح کان شام تائين گراهڪن سان پريل هوندو هو ۽ ڏينهون پوءِ ڏينهن هنجو دوڪان وڌندو پئي ويو.

پر ٻيو دوڪان هڪ مرد هلائيندو هو. هنجو سڀاءُ رکو ۽ سخت هو. جي ڪو گراهڪ ماکي کونہ وٺندو هو تہ هو هن سان رُکائيءَ سان پيش ايندو هو. اهڙا لفظ چوندو هو جو وري هو هن جي دوڪان تي ڪونہ ايندو هو. پاڻ تہ نہ ايندو هو پر ٻين کي بہ هن وٽ ماکي خريد ڪرڻ لاءِ ڪونہ موڪليندو هو. ان ڪري سڀجي ڏينهن ۾ ڪو ورلي ئي گراهڪ اچي هن کان ماکي خريد ڪندو هو. ان ڪري هو ان عورت کان ايرکا ڪندو هو ۽ بغض رکندو هوس.

گراهڪن جي راءِ هئي جنهن دوڪان جي مالڪ جا ٻول ڪوڙا آهن هن جي ماکي بہ ڪوڙي هوندي. ان ڪري رکي ۽ ڪنور سڀاءَ واري دوڪان جي ڪمائي نہ جي سمان هئي.

مٺن لفظن سان رشتا ٻڌبا آهن پر ڪوڙن لفظن سان رشتا ٽٽندا آهن.

سٺو وهنوار خوشحاليءَ جو رستو آهي.

Website : www.rajsindhiacademy.com
E-mail : rajsindhiacademy@gmail.com

कार्यालय : (0141) 2700662 टेलीफैक्स
सचिव : (0141) 2170962 निवास

राजस्थान सिन्धी अकादमी

राजस्थान सरकार का स्वायत्तशासी संस्थान
अकादमी संकुल, जे–15, झालाना संस्थानिक क्षेत्र, जयपुर–302004

راجستان سنڌي اڪاڊمي

RAJASTHAN SINDHI ACADEMY

अकादमी जा उद्देश्य

i. सिन्धी भाषा ऐं साहित्य जे क्षेत्र में अध्ययन ऐं अनुसंधान खे प्रोत्साहन ॾियणु ऐं वाधारो करिण।

ii. राज्य में स्थित सिन्धी संस्थाउनि/संगठननि जे कमुनि में समन्वय ऐं सहयोग स्थापित करिण।

iii. सिन्धी साहित्य सां जुड़ियल साहित्यिकारनि ऐं साहित्य जे क्षेत्र सां जुड़ियल संस्थाउनि में सहकार वधाइण ऐं अहिड़ियुनि संस्थाउनि जे गठन ऐं वाधारे खे प्रोत्साहित करिण।

iv. राष्ट्रीय ऐं राज्य स्तर ते सिन्धी साहित्यिक संस्थाउनि जे मार्फत गोष्ठियूं ऐं सम्मेलन आयोजित करे साहित्यिक विचारनि जे आदान–प्रदान खे प्रोत्साहित करिण।

v. साहित्यिक पुस्तकनि, पत्र–पत्रिकाउनि, ऐं शोध पत्रनि जो सिन्धी भाषा में प्रकाशन कराइण ऐं प्रोत्साहित करिण।

vi. सिन्धी संगठननि जी जरूरत मूजिब पुस्तकालयुनि ऐं वाचनालयुनि जी स्थापना करिण ऐं प्रोत्साहित करिण।

vii. राजस्थान सोसाइटीज रजिस्ट्रेशन एक्ट 1958 जे तहत सिन्धी भाषा ऐं साहित्य जे क्षेत्र में कमु करिण वारी संस्थाउनि खे मान्यता ॾियण ऐं मान्यता प्राप्त संस्थाउनि खे माली मदद ॾियण।

viii. पुस्तक, प्रदर्शनियुनि, मुशायरनि ऐं साहित्यिक कार्यकमनि जे माध्यम सां देश में सांस्कृतिक ऐं साहित्यिक सम्पर्कनि खे वाधारो ॾियण।

ix. योग्य लेखकनि, कवियुनि ऐं बुद्धिजीवियुनि खे स्कॉलरशिप, फैलोशिप ऐं स्टाइफण्ड पुरस्कार ॾियण ।

x. सिन्धी भाषा जे लेखकनि ऐं कवियुनि खे उन्हनि जी उल्लेखनीय उपलब्धियुनि लाइ मान्यता ॾियण ऐं साहित्यिक कृतियुनि जे प्रकाशन लाइ माली मदद उपलब्ध कराईण।

xi. अध्ययन पाठ्यकम, व्याख्यान, सेमीनार, सम्मेलन ऐं सर्वेक्षण कार्यक्रम आयोजित करे सिन्धी साहित्य जे अध्ययन में वाधारो करिण।

....



ادبي چاڻ

نالو : نندلعل عيدنداس پرسراماڻي

جنم تاريخ : 10 جون 1933 - سلطان ڪوٽ (سنڌ - پاڪستان)

تعليم : ايم - اي (انگريزي - سنڌي - تواريخ) بي. ايڊ.

شايع ڪتاب :

- سنڌي ٻارهن:
  ٻه ناول - ٻه ڪوتا سنگره - اٺ ڪهاڻيون مجمعو
- هندي اٺ :
  ٽي ڪهاڻي سنگرهه - ٽي ناول (هڪ ترجمو)
  هڪ جيونيون سنگرهه ۽ ترجمو ٿيل سنڪشپت
  سنڌي ساهتيه ۽ هڪ انگريزي ناٽڪ ترجمو
- 2004 کان 2007 تائين راجسٿان سنڌي اڪادمي ميمبر
- ديش جي علحدين اخبارن، مخزن ۾ ڪهاڻيون ۽ ليک - هندي ۽ سنڌي ۾ شايع ٿيل
- آڪاشواڻيءَ تان هندي ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل
- ٻن ڪتابن ۽ ڇهه ڪهاڻيون تي انعام
- راجسٿان ساهتيه اڪادمي آديپور پاران امرت پرسڪار 2013

اِڊريس : گوپال ۽ ڪمليش چترشالا
سلومبر 313027 (آديپور - راجسٿان)
موبائيل : 09829099489